سچل سرمستؒ

سچو جو شاعر

ليکڪ

ڊاڪٽر مخمور بخاري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سچ جو شاعر

سچل سرمست

(تحقيقي مقالا)

ڈاڪٽر مخمور بخاري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

2012ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	سچ جو شاعر سچل سرمست
ليکڪ:	ڊاڪٽر مخمور بخاري
ڇاپو پهريون:	جولاءِ 2012ع
تعداد:	هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ:	سارنگ امداد / اقبال ابڙو
ٽائيٽل:	ڪپتان ابڙو
ڇپيندڙ:	پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، سنڌ
ڇاپائيندڙ:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
قيمت:	200/-

Title of Book:	Sach jo Shair Sachal Sarmast (Sachal Sarmast Poet of Truth)
Author:	Dr. Makhmoor Bukhari
Edition First:	July 2012
Quantity:	One Thousand Copies
Composing:	Sarang Abro/ Iqbal Abro
Title:	Kaptan Abro
Printed by:	Peacock Printers, Karachi, Ph: 0300 2152634
Published by:	Culture Department, Government of Sindh
Price :	Rs. 200/-

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:

ثقافت کاتو ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،

ڪراچي، سنڌ- 74400

فون: 021-99206073

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هادي نيْ سبق پڑھايا سنيون اھو ھادي ني سبق پڑھايا،
سچ 'سچل' وچ، 'سچل' سچ وچ، ٻيا سيپ پنڌ اجايا.

اڀنا

سچل سرمست بابت
پنهنجو هي
تحقيقي پورهيو
پنهنجي استاد ءِ
نامور سچل شناس
پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق
جي نانءُ ڪندي
خوشي پائيان ٿو.

ڊاڪٽر مخمور بخاري

فهرست

- پبلشر نوٽ — عبدالعزيز عقيلي — 9
- پ اکر — ڊاڪٽر مخمور بخاري — 12
- انسانيت جو فڪر ڏيندڙ شاعر - سچل سرمست — 15
- لوڪ روايتن جو امين - سچل سرمست — 23
- سچل سرمست ۽ ان جا همعصر فارسي گو شاعر — 41
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سچل سرمست جي شخصيت ۽ فڪر تي تحقيق — 89
- سِڪ رمز وجود وجا وڻ دي . . . — 102

پبلشر نوٽ

حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست پنهنجي منفرد اسلوب ۽ انداز بيان سبب سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ ممتاز مقام رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ نواڻ، سچائي ۽ بيباڪي آهي. رياضت توڙي عبادت دوران ڪيس جيڪي محسوس ٿيو. اهو هن قلم ذريعي قرطاس تي آندو. حالانڪ سندس دور مذهبي لحاظ کان ڪو آزاد دور ڪونہ هو. ڪلهوڙا توڙي ٽالپر مذهبي روايتن تي سختيءَ سان عمل ڪندڙ حڪمران هئا. حڪمران گهراڻي سان واسطو رکندڙ قبيلا هندن کي زوريءَ مسلمان ڪندا هئا، تہ کي وري هندن جي جان بخشيءَ لاءِ ڪوشان هوندا هئا. اهڙا واقعا اتر توڙي ڏکڻ سنڌ ۾ عام هئا. انهيءَ مذهبي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ سچل سائين فرمايو:

وقت اها ٿي ويل دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪِ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اَويل، اولهہ سج نہ اپري.

يا وري ائين چوڻ تہ "مذهبن ملک ۾ ماٺهو منجهايا، ڪي نوڙي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا، اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق ڪي" يا "نا مين مومن نا مين ڪافر..." ان دور ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ، جڏهن تہ ننڍي کنڊ ۾ انساني بنيادي حقن توڙي مذهبي فڪري آزاديءَ جو تصور بہ ڪونہ هو، اها وڏي ڳالهہ هئي. جهڙي تهڙي رواجي شاعر جي

وس جي ڳالهه نه هئي!

سچل سائين هميش عقل تي عشق کي ترجيح ڀئي ڏني آهي. سندس شاعريءَ جو مرڪزي نڪتو پڻ اهو آهي ته بندي ۽ خدا جي وچ ۾ ٻيو ڪجهه نه آهي. خالق ۽ مخلوق جو روح ذريعي سڏو تعلق آهي. سندس لفظن ۾: "سچل ڳالهه عشق جي سچي ٻيا سڀ پنڌ اجايا". ان خاص نڪتي سبب سندس مريد اڄ به "عشق سلامت"، "عشق مبارڪ" جي وائي وات رکندا آهن.

جديد ادبي اصولن ۽ تحقيقي طريقن موجب سچل سائين جي زندگي، ڪلام، فڪر، پيغام ۽ درازي روايتن تي ڪم ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر محمد علي حداد کان پوءِ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو نالو اچي ٿو. ڊاڪٽر مخمور سچل سائين جي ڪلام، پيغام، دور ۽ سندس همعصر شاعرن تي 2007ع ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. سندس تحقيق جو موضوع آهي: "سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر" ڊاڪٽر صاحب نهايت اورچائي سان سچل سائين جي سموري زندگي، خاندان، روايتون، پيغام ۽ ان دور جي اهم شاعرن ۽ سندن علمي مرتبي جو پوري وچور سان تفصيلي خاڪو پيش ڪيو آهي. سرمست فڪر جا پانڌيئڙا سندس محنت کي سجايو سمجهن ٿا.

ثقافت ڪاتي، اها پوري ٿيسز (Thesis) سچل سائين جي 190عرس مبارڪ تي شايع ڪئي هئي، جنهن کي اديبن ۽ محققن پاران سڀي موٽ ملي. ان حوالي سان ڊاڪٽر بخاري کي هن سال به عرض ڪيو ويو ته هو "سچل شناسي" بابت پنهنجا ڪي نيارا ويچار ڏياري موڪلي ته جيئن اُهي سائين جي 191 عرس جي موقعي تي پڌرا ڪري سگهجن. ڊاڪٽر صاحب ان حوالي سان، اسان کي پنهنجا پنج نڪور مقالا ڏياري موڪليا، انهن مان ڊاڪٽر بلوچ وارو مقالو تماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيو آهي.

هنن مقالن ۾ ب ڊاڪٽر صاحب روايت کان هٽي ڪري ندرت کان ڪم ورتو آهي ۽ ڪافي نيون شيون سچل سائين جي پانڌيئڙن تائين پهچايون اٽائين. اسان کي اهو چوڻ ۾ ڪا هبڪ ڪانه ٿي ٿئي ته ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق ادبي ذوق رکندڙ توڙي سچل سائين تي وڌيڪ کوجنا ڪندڙ عالمن ۽ ادارن لاءِ رهنمائي جو ڪم ڏيندي.

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ هن سال پڻ سچل سائين جي 191 عرس جي موقعي تي ناليوارن اديبن ۽ محققن جا ڇهه اهم ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي، جن ۾ عطا محمد حامي جو نايابڪتاب "منصور ثاني سچل سرمست" ب شامل آهي. اسان کي خاطري آهي ته "سچل شناسي" ۾ انهن ڪتابن کي جوڳي جاءِ ملندي. اشاعتي رٽا کي جنهن سهڻي نموني ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل رفيق احمد ٻرڙو اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري رهيو آهي. ان لاءِ هو يقينن ڪيرون لهڻي.

روايت کان هٽي ڪري، ايترا اهم ۽ نايابڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ نمايان ڪردار ثقافت کاتي جي سرواڻ محترمہ سسئي پليجو جو آهي، جن جي رهنمائي هيٺ سنڌ جي سرموڙ اساسي شاعرن سان گڏ جديد شاعرن جي فن پارن کي عصري تقاضائن مطابق شايع ڪرڻ جو ڪم ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ کي نصيب ٿي رهيو آهي.

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

25 جولاءِ 2012ع
ڪراچي سنڌ

پہ اکر

سنڌ جي صوفياڻي شاعري ۾ پنهنجي نرالي رنگ، ڍنگ، انداز ۽ اسلوب سان جيڪو شاعر اڄ جي شاعرن کي بہ متاثر ڪري رهيو آهي اهو آهي حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست- سچل سائين هڪ ئي وقت تي شاعري جي فڪر ۽ فن ۾ نواڻ پيدا ڪئي ۽ اُن جي اُن انداز سان سنڌي شاعري جي مروج روايتن ۾ نہ فقط تبديلي آئي پر هيئتي وسعت پڻ پيدا ٿي: جيڪي گهاڙيٽا اڄ بہ شاعري ۾ مروج آهن. ساڳي وقت فڪري حوالي سان سچل سائين پڻ نئين روايتن جو امين ثابت ٿيو آهي هن جو فڪر سنڌ جي هزارن سالن جي تهذيب، تمدن، اخلاقيات، روحانيت مان ڦٽي نڪتو آهي معنيٰ هن جي فڪر جو پاڙون تمام گهري طرح سنڌ جي مٽي ۾ ڪُتل آهن. سچل جو اهم فڪر سهپ، رواداري، برداشت، محبت، سڪ، سڪون، امن جو پيغام آهي.

هن ڪتاب "سچ جو شاعر- سچل سرمست" ۾ اُهي چونڊ اٽڇپيل مقالا شامل آهن جيڪي سچل سائين جي فڪر ۽ ان جي دور جي حوالي سان معلومات ڏين ٿا. هت مختصر طور انهن جو تعارف پيش ڪرڻ کو اجايو نہ ٿيندو:

انسانيت جو فڪر ڏيندڙ شاعر- سچل سرمست: هن مضمون ۾ سچل سائين جي اُن اعليٰ فڪر جي اُپٽار ڪندي برصغير جي ڪن اهم شاعرن يڪٻت ڪبير، باهو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سامي جا شعري مثال پيش ڪيا ويا آهن، جنهن جو مقصد سچل جي ڪلام ۾ سمايل انسان دوستي واري پيغام کي ڪائنس اڳ جي ۽ همعصر شاعرن جي ڪلام

جي تناظر ۾ ڏسڻ پڻ هو ته ڪنهن به طرح اسان جو هي شاعر فڪري طور پوئتي ناهي بلڪ سندس فڪر جي اُڏام تمام مٿي آهي.

لوڪ روايتن جو امين- سچل سرمست: هي مقالو سرمست سائين جي ڪلام جي ان رخ جو آئينو آهي جيڪو ماروئڙن، جهانگيئڙن لاءِ سرجيل آهي هن تحرير ۾ خاص طور سچل جي ڪلام ۾ ٿر جي زندگي کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. درازي شاهه جي ڪلام ۾ ٿر جي زندگي کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ درازي شاهه جي ڪلام جي ڪن لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح ۾ اسان ٿر جي تمدن کي پيش ڪيو آهي.

سچل سرمست جا همعصر فارسي گو شاعر: ڪتاب ۾ شامل هي طويل مقالو آهي جنهن ۾ سچل سائين جي دور ۽ رياست خيرپور جي ڪن اهم ٻارنهن فارسي گو شاعرن جي زندگين کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد سچل جي دور ۾ سنڌ جي فارسي شاعري جو مطالعو ڪرڻ هو ڇاڪاڻ ته سچل سائين خود به سنڌي،سرائڪي، اردو سان گڏوگڏ فارسي زبان جو اعليٰ شاعر هو تنهن ڪري اهو مناسب سمجهيو ويو ته سچل سائين جي دور ۾ ان جي آس پاس رهندڙ فارسي گو شاعرن جي زندگين توڙي سندن شاعري جو مختصر طور ٿي مطالعو ڪيو وڃي ته اسان سنڌ ۾ ان دور جي فارسي شاعري جي روايتن کي سمجهي سگهون. هن موضوع تي اڃان وڌيڪ لکڻ جي گنجائش موجود آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سچل سرمست جي شخصيت ۽ فڪر تي تحقيق: هي مقالو خاص طور تي سنڌ جي هاڪاري عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پهرئين ورسي جي نسبت سان ٺاهي مهراڻ جي خاص نمبر لاءِ لکيو ويو جيڪو شايع پڻ ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري، لغت، لوڪ ادب، موسيقي کان ويندي اڄ ڪٽيل موضوعن تي گهري نگاهه

رکندڙ ۽ انهن موضوعن تي سَند جي حيثيت رکندڙ عالم هو. ڈاکٽر صاحب، سچل سرمست بابت کو کتاب ته نه لکيو پر ان جي مستند سوانح ۽ ڪلام بابت ڪي اهم مضمون / مقالا ضرور لکيا جيڪي سچل شناسي ۾ اهميت رکندڙ آهن. ڈاکٽر بلوچ صاحب جي ان سموري ڪم بابت هن مقالي ۾ گفتگو ڪئي وئي آهي.

سِک رمز وجود وجاوڻ دي: هي مضمون سچل سائين جي وڏي عقيدت مند ۽ ان جي فڪري واٽ تي هلندڙ صوفي شاعر فقير قادربخش 'بيدل' جي فڪر بابت آهي جنهن ۾ بيدل سائين جي ڪلام ۾ موجود 'وجود' واري فلسفي تي گفتگو ٿيل آهي. 'وجود' وجائڻ جي ڳالهه بار بار سچل سائين به ڪئي آهي تنهن ڪري هن لکت ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه پيش ٿيل آهي اها سرمستي فڪر سان پڻ تعلق رکي ٿي، تنهن ڪري هي مضمون هن ڪتاب ۾ شامل رکيو ويو آهي.

هن ڪتاب "سچ جو شاعر- سچل سرمست" ۾ ڪل پنج مضمون / مقالا پيش ڪيا ويا آهن جن مان چار مضمون اڳ ڇپيل آهن. جيڪي لڳ ڀڳ هڪ سال جي عرصي ۾ لکيا ويا آهن، تنهن ڪري ممڪن آهي ڪٿي ڪٿي ڪن ڳالهين جو ورجاءُ نظر اچي، اهڙي ورجاءَ کان بچڻ لاءِ ان سموري مواد جي ٻيهر نظرثاني ڪرڻ بعد هتي پيش ڪيو پيو وڃي.

مون کي اميد آهي ته سچل سرمست بابت منهنجن اڳين ٻن ڪتابن "سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر" ۽ "سچل ساڃاهه شعور" جيان هي ڪتاب پڻ سچل شناسي جي شاگردن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

25 جولاءِ، 2012 — **ڈاڪٽر مخمور بخاري**

باک ڏنڻ مهل

هالا.

Facebook: bukharimakhmoor@yahoo.com

انسانيت جو فڪر ڏيندڙ شاعر- سچل سرمست

محمد ابراهيم جويي "شاه سچل سامي" ۾ لکيو آهي ته "هي ڪئي شاعر نيئن سنڌ جا نقيب آهن". نئين سنڌ جا اڏيندڙ هي شاعر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڏا مفڪر به آهن. هنن جي سوچ فرد جي تشخيص جي سجاڻپ پئدا ڪري ٿي. انسان نه رڳو شڪل صورت ۾ حسين پيدا ڪيو ويو آهي پر انسان کي سموري ساهدار جيوت ۾ اعليٰ ۽ اتر خلقيو ويو آهي. انسان کي عقل و شعور عطا ڪري کيس سمجهه، ساڃاه ڏئي هن ڌرتي جي گولي تي موڪليوويو آهي. حضرت آدم عليه السلام جو ڪٽڪ جو داڻو کائڻ، جنت مان بيدخل ٿيڻ، زمين تي اچڻ ۽ معافي گهرڻ وارو سمورو عمل ان ڳالهه ڏانهن اسان جي ذهنن کي وٺي وڃي ٿو جتي انسان جي اصل ڪردار ۽ عمل بابت اسان سوچڻ ويهون ٿا. ته انسان بنيادي طور هن ڌرتي تي ڇا جي لاءِ آيو آهي؟ انسان خود ڪيترو خود مختيار آهي؟ انسان پنهنجي عقل ۽ سمجهه جي بنياد تي ڪائنات جي لامحدود حدن کي ڇهي سگهي ٿو؟ انسان ۽ فطرت جي وچ وارو تعلق ڇا آهي؟ انسان انهن سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ هڪ پيرو ئي هن استيج تي اچي ٿو ۽ پوءِ جستجو جي عمل ۾ رهندي اوچتو ئي اوچتو پردي پويان هليو وڃي ٿو پر استيج قائم آهي ايجان، وري ٻيا ڪردار اهڙن سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ ظاهر ٿين ٿا. انساني ذهني ارتقا جي ابتدا ۾ پيدائيل اهي سوال انسان ۽ خدا جي تعلق کي سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انسان بنيادي طور هڪ اهڙو ساهدار آهي جيڪو هر لمحي ڪائنات جي

راز رمزن کي سمجهڻ جي کوشش ڪري ٿو. سمجهه جو اهو سفر انسان ٻاهر کان شروع ڪري اندر تي ختم ڪري ڇڏي ٿو. ڇاڪاڻ ته انسان جي اندر ۾ اها سگهه/ طاقت/ سمجهه/ شعور موجود آهي. جنهن جي ڏي تي هووڏي کان وڏا مرحلا به طئ ڪري سگهي ٿو.

سچل سرمست سنڌ جو اهو بيباڪ مفڪر شاعر آهي. جنهن پنهنجي فلسفي، فڪر ۽ شعر ذريعي ڪائنات اندر فرد جي بنيادي حيثيت، انساني ايڪي، اتحاد، پائيچاري سهپ ۽ محبت جو سبق ڏنو آهي. سچل ڇاتو ٿي ته هڪ فرد هر لحاظ کان معتبر ۽ مانائتو آهي ان ڪري ان کي اهو گهربل مقام/ درجوملڻ گهرجي ۽ پنهنجي دور جو باشعور فرد هجڻ ناتي سچل سرمست ملان جي مذهبي ٺيڪيداري کي به پرپور طرح نندیو آهي. ڇاڪاڻ جو هن کي خبر هئي مذهب جو اصل پائيچاري، سهپ، برابري ۽ خلوص آهي. سچل سائين ۽ ٽالپر راج ۾ سنڌ اندر اقتدار تان جنگون عام ڳالهه هئي جنهن سبب اسان اهو چٽي ريت سمجهي سگهون ٿا ته ان دور ۾ عوام ۽ حڪمرانن وچ ۾ ڊگهو فاصلو رهيو هوندو. اهڙي انتشار پري سياسي فضا نه رڳو سنڌ ۾ رهي پر افغانستان ۽ دهلي جي حڪمران به ان جي ور چڙهيل رهيا. برصغير ۾ تصوف جي تحريڪ جو زور ونجڻ جو هڪ سبب شايد اهو به رهيو صوفي بزرگن ان ڪري خاص طور فرد جي حيثيت، ان جي مرتبي، مان ۽ ان کي عطا ٿيل دانائي ۽ حڪمت تي زور پريو آهي. پاڻ سچاڻڻ جو فڪر بنيادي طور فرد جي ذاتي سچاڻپ جو فڪر آهي.

ڪبير هندي جو وڏو ويدانتي شاعر آهي. هو هڪ جاءِ تي چوي ٿو:

گھونگھٹ کا پٹ کھول رے، تو کو پیو ملیں گے
گھٹ گھٹ میں وہ سائیں رمتا، کٹک بچن مت بول رے
دھن جوبن کا گرپ نہ کیجے، جھوٹھا پنچ رنگ چول رے

سن محل میں دئنا یار رے، آسن سے مت ڈول رے
جوگ جگت سے رنگ محل میں، پیا پائو انمول رے
کہے کبیر انند بھیئو ہے، باجت انحد ڈھول رے (1)

(پاڻ تان خودي ۽ لاعلمي جو پردو کڻ تہ اندران محبوب ملندئي. هر انسان جي اندر ۾ رب رهي ٿو ان لاءِ تون کير ٿيندو آهين. ماڻهن جي دل آزاري کرڻ وارو. دنيا ۽ پنجن عنصرن جي هي قالب جسم فاني آهي تنهن کري ان تي ناز نہ کر ۽ روحاني شغل جي ذريعي کلمي جو نور ظاهر کر.)

اندر ۾ ڳولا جو فلسفو هر صوفي شاعر وٽ ملي ٿو. پر هر کنهن جو انداز ۽ ڍنگ جداجدا آهي. صوفي شاعر سلطان باهو چئي ٿو:

اندر هوتے باہر ہو، وت باهو کجھ لبھیندا ہو
ہو دا داغ محبت والا، ہر دم پیا سڑیندا ہو
جتھے ہو کرے رشنائی، چھوڑ اندھیرا ویندا ہو
دوئیں جہان غلام اس باہو، جو "ہو" صحی کریندا ہو (2)

اهڙو ئي فکر اسان کي لطيف سائين وٽان ملي ٿو:

پيهي جا پاڻ ۾ کيم روح رهاڻ
نہ کي ڏونگر ڏيهہ ۾، نکا کيچن کاڻ
پنهون هيس پاڻ، سسئي تان سور ٽيا. (3)

هن دور جو ويدانتي کوي 'سامي' به پنهنجي سلوکن ۾ اهڙو اظهار کيو آهي.

شهہ رگ کون نزديک، سجڻ اٽئي اوڏڙو
کديي غير اندر ۾، کري ڏس تحقيق
ناحق کُرکُ کِيک سامي چئي سمجهہ ري. (4)

سچل سائين پرپور انداز ۾ اسان کي اها ڳالھ هن طرح سمجھائي ٿو:

جي تو ڇاتو پاڻ، آءُ ٻيو ڪي آهيان،
ڪندئي غرق گمان، ڳھلا انھي ڳالھ ۾.

وڏا شاعر پنھنجي وقت جا نبض شناس شاعر ھوندا ھئا. ھنن جي دور رس نگاھ نہ رڳو ان دور تي ھوندي آھي پر ھو ايندڙ وقت جي حالتن کان نہ رڳو خود باخبر ھوندا آھن پر عوام کي بہ ان حوالي سان سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. سچل سائين جي ڇمار جي آخري دور ۾ سنڌ تي اوله جي ڪڪرن جا اثرات ڏسي سگھيا ھئي ۽ سچل سائين ان وقت ۾ ھڪ اھڙي ڳالھ ڪئي جنھن کي سمجھڻ جي اسان کي اڄ بہ ضرورت آھي. چئي ٿو:

وقت اھا ٿئي ويس، دوئي دور دور ڪرڻ جي
ڪيڏ مذاھب من مان، ساجھر ساڻ سويل
ھندو مؤمن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
مستان ٿئي اويل، اولھ سج نہ لھي. (5)

سچل سائين جون اڄ کان لڳ ڀڳ سؤ سال پھرئين چيل ھي ستون اڄ بہ پنھنجي معنوي خيال ۾ ايترين ئي تازيون آھن جيتريون ان دور ۾ لکيون/ چيون ويون. توڙي جو ھي خيال اڄ کان بہ سؤ سال پھرئين حافظ عبدالوھاب فاروقي سنڌ جي عوام کي انگريزن جي سنڌ تي قابض ٿيڻ واري چالبازين کان آگاھ ڪندي ۽ عوام کي پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد قائم ڪرڻ جو درس ڏنو ٿي پر اسان جون اڄ جون حالتون بہ ڪجھ اھڙي طرح جو ئي آھن. اڄ بہ اسان انارڪيت، انتشار، نااتفاقين، اڻ سھپ، ننڍ وڏائي، مذھبي حد بندين/ فرقن ڪيني بغض ۽ حسد جي باھ ۾

سڙي رهيا آهيون ۽ پنهنجي پنهنجي انائن جو خول ۾ ايترا ته جڪڙيل آهيون جو هر وقت پنهنجي پلي ۽ ٻئي جي بري لاءِ سوچيون وينا. هي فضا دنيا جي قديم مذهبن ۾ هڪ نقطو جيڪو عام آهي اهو آهي انسانيت- انسان دوستي- اسلام ان نقطي تي وڌ کان وڌ زور ڏئي ٿو. هندو مذهب دنيا جي قديم ترين مذهبن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان جي ويدڪ فلسفي جي اهم سنڌي شاعر سامي ان نقطي جي پس منظر ۾ چئي ٿو:

مومن مسلمان، ڪوڙن ۾ ڪو هڪڙو،
حو واصل وحدت ۾، ڪيي گيير گمان،
نور محل جي نيوتي، سيل ڪري سبحان،
تنهن کي سپ جهان، ڄاڻي دوست خدا جو. (6)

۽ سچل خود هڪ صوفي صافي آهي. هن جي نظر ۾ قومي وحدت/ ايڪي ۽ اتحاد لاءِ اندر جا بت ٻيڙڻ ضروري آهن هو بار بار اها ڳالهه چئي رهيو آهي:

نامين شيعه نامين سني صوفي برهه دي مني.

اڃان اڳتي چئي ٿو:

اتي ڪفر نه اسلام، آهي سين کي سلام،

"آهي سين کي سلام" سچل جي قومي وحدت واري سوچ جي ترجماني ڪري ٿو. سچل سائين جو فڪر اڄ جو فڪر آهي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اسان جي ترجيحات ۾ تبديليون پڻ اچي چڪيون آهن. اسان جي سوچ جو محور هر نئين ڏينهن تبديل ٿي رهيو آهي. اسان مان سهپ، برداشت، خلوص، سچائي ۽ دوستي جهڙا عنصر اسان جي مفادن جي نظر ٿي چڪا آهن. ان صورت ۾ سچل سائين جو فڪر اسان جي نه رڳو رهنمائي ڪري سگهي ٿو پر محمد ابراهيم جويي جي لفظن جيان ٻڌائي

- سچل ۽ سامي، نئين سنڌ جاڏيندڙ پڻ آهن. مٿي جيڪو سچل سائين جو شعر اسان ڏٺي آيا آهيون ان ۾ سمايل خيال سنڌ جي هزارن سالن جي قومي وحدت، مذهبي رواداري، ثقافتي توڙي لساني، روحاني توڙي علمي اتهاس ڏانهن اسان کي ونئي وڃي ٿو. سنڌ جي مٽي هزارن سالن کان ساري عالم کي سڪ شانتي ۽ امن جو پيغام ڏيندڙ آهن. هن جي خمير مان ئي ويدڪ فلسفو جڙيو جنهن ۾ ڪنهن به جيو کي آزارڻ ۽ مارڻ گناه تصور ڪيو ويو. جنهن جو مقصد انسان، فطرت، ڪائنات ۽ خدا جو پاڻ ۾ گهري تعلق کي ظاهر ڪرڻ آهي، ۽ ان سموري پس منظر ۾ ئي پٽائي عالم لاءِ دعاگو ٿيو آهي:

سائينءَ سدائين ڪرين مٽي سنڌ سڪار
دوست منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

پٽائي جڏهن عالم انسانيت لاءِ دعاگو ٿيو آهي تہ سچل پنهنجي فڪر سان امن، پائيچاري ۽ انسان دوستي جو درس ڏنو آهي. هن جو پيغام محبت جي خمارن مان ڦٽي نڪري ٿو:

قاضي سچ چوان مان تو کي ڇڏ مسائل مصلا.
آءٌ تہ پيئون پڪ پرين، من نہ ٽڄ تون ملا،
سچل حق نہ حاصل تن، ٻي راهہ ان کان ٻلا.

سچل سرمت پنهنجي وقت جو وڏو باشعور ۽ سجاڳ شاعر هو. هن پنهنجي شعر جي ذريعي سنڌ وارن کي ان وقت ۾ سجاڳ ڪيو ۽ ان جو اهو فڪر اڄ بہ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو ان لاءِ اسان کي سچل سائين جي فڪر کي وڌ کان وڌ عام ڪرڻ جي ضرورت آهي ان سلسلي ۾ باقائده منظم طرح ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ هيٺين ڪجهہ تجويزن تي پڻ غور ڪري سگهجي ٿو.

- سچل جو ڪلام ٽن مختلف زبانن (سنڌي، سرائڪي ۽ اردو) ۾ تحت الفظ C.D ۾ ڪٿست ۾ رڪارڊ ڪيو ويو.
- سچل سائين جو مڪمل فارسي ڪلام (غزل، مثنوي وغيره) سنڌي ترجمي سان شايع ڪرايو ويو۽ انهن مان چونڊ ڪلام ترجمي سميت تحت الفظ پڻ رڪارڊ ڪيو ويو.
- سچل سرمست جي ڪلام جون C.D ۾ ڪٿست مختلف راڳين جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرائي مارڪيٽ ۾ عام ڪيون ويون، جن ۾ خاص طور نئين انداز ۾ سچل سائين کي ڳايو ويو (ڪجهه عرصو اڳي سنڌ ثقافت پاران سچل سائين جي ڪلام جي C.D اچي چڪي آهي. هن سلسلي کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي.)
- سچل جي شعر ۾ سمايل ڪيفيتن کي مختلف پينٽنگس ۾ چٽيو ويو. جيڪي نه رڳو مارڪيٽ ڪيون ويون پر اهڙين پينٽنگس کي يونيورسٽين ۽ ٻين علمي ادبي ادارن ۾ پڻ لڳايو ويو.
- سچل سائين جي ڪلام کي مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ اهڙن ترجمن کي نه رڳو ڪتابي شڪل ۾ پر E- Book ۽ C.D ۽ ڪٿست ۾ تحت الفظ رڪارڊ ڪيو ويو. سچل سرمست جو اثر سرائڪي، بلوچي ۽ براهوي زبان تي خاص طرح پيو آهي. تنهن ڪري سچل سرمست جي ڪلام جو ترجمو نه رڳو انهن زبانن ۾ ڪيو ويو پر اهڙن ترجمن کي انهن علائقن تائين پڻ پهچايو ويو.
- سچل سائين جو ڪلام ڇڻن مختلف زبانن سنڌي، اردو، سرائڪي ۽فارسي ۾ آهي. جنهن مان سرائڪي رسالو سنڌي صورتخطي ۾ شايع ٿيل آهي ان کي سرائڪي صورتخطي ۾ شايع ڪرائڻ ۽ ان

علائقي تائين پهچائڻ جي ضرورت موجود آهي. ساڳئي طرح سچل سائين جي مڪمل فارسي ڪليات شايع ڪري ان کي خاص طور ايران جي ڪتب خانن تائين پهچائڻ گهرجي. اردو ڪلام کي پڻ نئين سري سان شايع ڪرايو وڃي.

سچل سرمست عالمي امن، پائچاري ۽ انسانيت جو پيغام ڏيندڙ شاعر آهي ان جي فڪر کي وڌ کان وڌ عام ڪرڻ جي ايتري ضرورت آهي جيتري ان فڪر جي پرک ڪرڻ جي پر ان ڪم لاءِ اسان کي جديد سائنسي اصولن ۽ طريقن کي اپنائڻو پوندو.

حوالا :

1. انتي سيٹھي، سنت کبير، ص 275، رادھا سوامي ست سنگ -بياس، امرتسر (هندستان) 1993
2. يوسف مٹالي، بلها- باهو- بهگت کبير ص 155
3. ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جو رسالو، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پٽ شاهه
4. پروفيسر بي ايڇ ناگراڻي، سامي جا سلوڪ ص 317 سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
5. مضمون ۾ شامل سچل سرمست جا سمورا بيت مانواري عثمان علي انصاري جي مرتب ڪيل سچل جي رسالي تان ورتل آهن.
6. سامي جا سلوڪ ص 619.

لوڪ روايتن جو امين- سچل سرمست

ڪنهن به ادب جو تعلق جسيتائين عام ماڻهو سان ناهي تہ پڪ سمهجو اهو ادب ديرپا يا بامقصد ثابت نہ ٿو ٿي سگهي ۽ جنهن ادب جون پاڙون زمين ۾ ڪُتل آهن يعني ان ادب جو سڌو سنئون تعلق عام ماڻهو سان آهي تہ پوءِ اهو ادب زندگي ماڻي ٿو. منهنجي ذاتي خيال موجب هر اها تحرير لوڪ ادب سان تعلق رکي ٿي جيڪا عام ماڻهو جي جذبن، احساسن، خيالن، ان جي رسم رواج، ريتن، ثقافت، رهڻي ڪهڻي کي ظاهر ڪري ۽ پوءِ اها تحرير يا شعر عام ۾ مقبول به پوندو. ادب انسان جي اندر جي دنيا جي رنگين عڪاسي ڪري ٿو. هر فرد جي اندر ۾ خوابن، خيالن، محبتن، نفرتن، اذيتن، ذلتن، چاهتن، احساسن، جذبن، ٿهڪن ۽ سُڌڪن جو هڪ مڪمل جهان ساهه ڪٹي ٿو ۽ ادب انهن سمورن وارتائن، وارداتن، ڪهاڻين ۽ ڪٹائن جي رنگين عڪاسي آهي. آئون جڏهن چوان ٿو تہ ادب انسان جي اندر جي رنگين عڪاسي آهي تہ پوءِ اهو به پڇي سگهجي ٿو تہ انسان جي غم / لڙڪن جي عڪاسي رنگين ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ اسان جڏهن لفظ رنگ استعمال ڪيون ٿا تہ هڪدم اسان جو ذهن خوبصورتي، حُسن، سرهاڻ، ۽ سونهن ڏانهن چڪجي وڃي ٿو پر ڇا هر اڪ ۾ ڳوڙهو نہ اڇي ٿو؟ هر دل غمزده نہ رهندي آهي؟ ڇا هر فرد ڏک جو ڪوڙو ذائقو نہ چکيو هوندو؟ ها! يقينن ائين آهي پر! اسان مان ڪيترن ان ڏک کي لفظن ۾ پينٽ ڪيو آهي؟ ڪيترن فردن پنهنجي لڙڪن کي لفظ بڻايو آهي. امداد حسيني جون ستون آهن:

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لڙڪ کي لفظ ڪرڻ ايترو سؤلو ناهي،
باهه جو سمنڊ ترڻ ايترو سؤلو ناهي.

سو جڏهن اسان مان کي ٿورا ان لڙڪ جي باهه جي سمنڊ مان پار پيا ۽ ڳوڙهي کي لفظ بنائي آيا تہ اها بہ جذبن جي رنگيني آهي! ڪارو رنگ پل تہ ڏک / ويڇوڙي جي علامت هجي پر آهي تہ ڪارو رنگ!!

لوڪ ادب جي ماهرن لوڪ ادب جون ڪيتريون ئي ڪارائتيون ۽ ملهائتيون وصفون بيان ڪيون آهن جيڪي سچ پچ اسان ادب جي شاگرن جي ڄاڻ ۽ گيان لاءِ گس ۽ پيچرا جوڙيو ويٺيون آهن. ٻولي جي انهن وينجهارن لوڪ ادب جي سهيڙ ۽ سوڌ سنورا جو چوکو ڪم ڪيو آهي. اهو يقينن کيرون لهڻو پر انهن ساڃاهہ وندن جي ان ڪرت سان سنڌي ٻولي جو اهو ذخيرو بہ محفوظ ۽ هٿيڪو ٿي ويو جنهن سان سنڌي سماج جا ڪيترائي شاهڪار زمان محفوظ ٿي ويا آهن تہ ٻي طرف سنڌي ٻولي جي اٽڪل لفظي ذخيرو سوڌجي ۽ سنوارجي اسا ن جي سامهون آيو.

لوڪ ادب جي هڪڙي وصف اها بہ آهي تہ اهو ادب جيڪو عام جو هجي، مقصد تہ ان ۾ عام ماڻهو جي حالتن، جذبن ۽ ماحول جي عڪاسي ٿي هجي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جي ٽہ مورتي جي هڪ اهم رتن سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ ائين تہ تصوف جا ڪيترائي موضوع ۽ مسئلا آيل آهن پر اسان جي هن نرالي شاعر جي شاعري ۾ نج سنڌي ڳوٺاڻي سماج جو عڪس بہ ملي ٿو. جيڪا سندس شاعري جي هڪ خاصيت آهي. هن وقت تائين سچل سرمست کي تصوف جو شاعر سمهجي سندس ڪلام تي اعلیٰ تحقيق جا در بند ئي رکيا ويا آهن. سندس خانداني پس منظر کان ويندي سچل جي علمي

اهيمت، فن، فڪر بابت لکڻ، پڙهڻ جي تمام گهڻي ضرورت موجود آهي. هن وقت تائين سچل سرمست تي جيڪو ڪم ٿيو آهي اهو بهتر پر اڃان سچل جي سوانح کان ويندي سندس ڪلام جي نون موضوعن جي پچار جي بہ ضرورت آهي. اڄ اسان سچل جي سنڌي شاعري ۾ لوڪ روايتن جي پچار ڪنداسين.

سچل سرمست پنهنجي سنڌي شعر ۾ سسئي پنهون، مومل راڻي، عمر مارئي، نوري جام تماچي ۽ پنجاب جي لوڪ داستان هير رانجهي کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هن کا بہ ڪهاڻي مڪمل بيان نہ ڪئي آهي؛ بلڪ انهن ڪهاڻين جا مکيہ ٽاڪا بيان ڪيا اٿس. دراصل سچل انهن لوڪ داستانن جي ڪردارن ذريعي حسن وعشق، وڇوڙي، بيقراري، عاجزي، نياز، نوڙت جي ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو آهي. سسئي بظاهر پنهون ڪارڻ لَڪن جا آڏا تراڇا پنڌ ڪيا پر سورائتي سسئي جو اهو سفر اسان کي همٿ، حوصلي، بهادري ۽ بردباري جو درس ڏئي ٿو:

جان مون ملان هوت، تيسين تائين نہ مران،
مادر تائين موت، اهو اٿم آسرو.

سچل جي چيل سُرسسئي ۾ سسئي جو پنهون ڪارڻ جبل جهاڳڻ، ڇپر جون سور سختيون برداشت ڪرڻ جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. ان ڪهاڻي ۾ وري تصوف جون رمزون بہ سمهجايل آهن. پاڻ سچاڻڻ، يعني فرد جي انفرادي حيثيت، ان کي قدرت طرفان عطا ٿيل علم، عقل، ڏاهپ، شعور، ساڃاڻهہ ۽ سوچ جي ڇاڻ جو ذڪر اذڪار سرمست سائين هن سُر سسئي ۾ ڪيو آهي. انسان خدا جي لاتعداد طاقتن جو مجموعو آهي، جيڪو درست تعليم، تربيت ۽ پنهنجي ادراڪ جي ڏي تي خدا ۽ ڪائنات جي رازن رمزن کي اشارتن سمهجي سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي ڇاڻ، علم، ڏاهپ سان ڪائنات ۾ لڪيل

رازن کي ڳولي ان کي انسان جي پلائي، بهتري ۽ ترقي لاءِ ڪتب آڻي سگهي ٿو. سچل پنهنجي هن بيت ۾ پنهنجي اندر ۾ لڪيل خداد صلاحيتن جي کوج ڪئي آهي ۽ پوءِ پوري اعتماد سان چئي ٿو:

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙ لاءِ پيوم،
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اٿي ويا.

لوڪ داستانن ۾ سسئي پنهون جو داستان وڏي اهميت رکي ٿو. سگهڑن توڙي شاعرن هن داستان کي وڏي شوق سان ڳايو آهي.

شاهہ عبداللطيف پٽائي تہ هن داستان متعلق پنج سر چيا آهن. سچل جو چيل هي سُر به هين چيل سُرن کان وڏو آهي، سچل تہ سسئي ۾ جهولڻو نالي شاعري جي نئين صنف به متعارف ڪرائي آهي هي قصو آڳاٽي وقت کان سگهڑا ڳائيندا اچن، هن جي قدامت بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

"سنڌ جي آڳاٽي روايت مطابق هي دلوراءِ جي دور جو داستان آهي. 'تحفة الڪرام' ۾ ڄاڻايل آهي تہ هيءِ دلوراءِ جي دور جي ڳالهہ آهي. محمد عارف ڪلهوڙي جي بيتن ۾ آهي تہ 'واري دلوراءِ جي سڻ حقيقت هيءِ'. مٺوي گلزار واصل جي مصنف پڻ انهي روايت کي ورجايو آهي".

سچل هن لوڪ عشقيہ داستان ۾ سسئي جي زباني سندس پنهون لاءِ بيقراري، آندڻ مانڊ ۽ عشق جي حالت بيان ڪئي آهي. اهو عشق آهي جنهن سسئي کان جبلن جا پنڌ ڪرايا. رڻ پٽ جون سختيون برداشت ڪرايون:

ڪون لاڪيون لَڪ، نبيرڙ نہ ٽيا،
ڪوڙين آهن ڪيترا، راهن اتي رڪ،
هي هي ڪارڙ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريا.

—

روئي هاريا رَتَ، ووءِ ووءِ ڙين تي،
جيڏيون ڪارڙ جَتَ، سارو وندر ووڙيان.

لوڪ داستانن ۾ نوري جام تماچي جو داستان بہ پنهنجي جاءِ تي دلچسپ ۽ ٻولي جي حوالي سان جاڻ ڏيندڙ آهي. نوري نماڻي سُونهن ۽ سوڀيا جو ڪو پندار هئي ۽ جام تماچي ان سُونهن ۽ سوڀيا، حُسن ۽ خوبصورتي جو قدردان نڪتو.

سچل سرمست سرنوري ۾ نوري جي زباني مهاڻن جي تصوير چٽي آهي:

مٿي جن مُوڙا، هٿا جارين گندئين گودڙئين،
بئنسر بئينان زر جا، تن جهاڀا آئون جُهوڙا،
جن ٻانهين کُلهن کين هو، تن چُوڙ تائين چُورا،
سمي جي سهاڳ سان تن ننگن نپوڙا،
ڪوڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سپ ڪيا.

انهن گدلن سدلن جو ذڪر سرمست سائين بنهه خوب ڪيو آهي. سچل جا اهي مسڪين مارو پنهنجي پيٽ جي باهه اُجهائڻ لاءِ ڪڇ ۾ پچيل پيرون (جو هڪ قسم جو منو ميوو ٿئي ٿو) کائن ٿا ۽ انهن کي اهي پيرون ايترا تہ عزيز آهن انهن سامهون هيرا جواهر بہ ڪجهہ نہ آهن:

مَڪ برابر نہ ڪريان، ماڻڪ موتي ساڻ،
سمو جام سُجاڻ، جنهن جارو جام ڪلهي ڪيو.

اڄ بہ اونهاري جي موسم ۾ جڏهن ڄار ۽ ڪنڊ ۾ پيرون پچندا آهن مالونڊ ماڻهو انهن کي منداڻتو ميوو سمهجي وڏي شوق سان کائيندا آهن جيڪي ذائقي ۾ لذيذ ۽ مٺا ٿين ٿا.

مارئي جي داستان کي ڳائيندي سچل ان ۾ ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جو احوال ڪيو آهي. پنهنجي ٿرين لاءِ قيد ۾ گهاريندڙ مارئي جي اندر جو آلاپ، ان جي ڪَرب، پيڙاءُ، بيقراري ۽ وطن کي ڏسڻ ۽ پنهنجن جهوپن ۾ آزاد ساهه ڪڍڻ جذبن، احساسن جي ترجماني سچل پنهنجي هنن ستن ۾ خوب ڪئي آهي.

ساريم اڄ سَنگهار، جن ڏني مون ڏينهن ٿيا،
سي لک لنگهي پيهي ويا، پانور منجهه پنهوار،
هٽي وينا پکڙا، هُت سک ٿي اجڙوار،
جن جي ساهه سنيار، سي اڄ پنهوار پَري ٿيا.

هن داستان ۾ سچل "ڏوٽيڙن" يا 'ڏوٽي' لفظ استعمال ڪيو آهي.

ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيهه جو وڃي خوشئون هت ڪيان.
ڏني ڏوٽيڙن کي گهٽا ڏينهن ٿيام.
ڏوٽي ڏورئون ڏور، عمر اڄ مون کي ٿيا.

'ڏوٽيڙن' يا 'ڏوٽي' سچل لغات موجب "اهڙا ماڻهو جيڪي ڏُٺ تي گذران ڪندڙ هجن". [2] ساڳي ريت ڏُٺ جي معنيٰ ڪندي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سچل لغات ۾ لکي ٿو:

"ڏُٺ : جهنگلي ان يا ميوو، سائون، مانڊائون، مکڻي وغيره گاهن مان اَن ڪڍي، ٿري ماڻهو ماني پچائي يا پٽ رڌي کائيندا آهن، آراڙي، سياڄ وغيره گاهن مان پاڄي ڪندا آهن، پسي (ڪرڙ جا گل)، پيرون (ڪنڊ يا ڄار جو ڦر) ۽ ڏيلهار (ڪرڙ جو پکل ڦر) بہ ڏُٺ طور ڪم

آڻيندا آهن"(3).

"تاريخ ريگستان" جو مصنف ان ڏس ۾ تفصيل سا لکي ٿو:

"وسڪاري جي سبب ازخود ڪي اهڙا جهنگلي گاهه اُپرندا آهن، جن جو بج ڪڍي اهو ڪتب آڻبو آهي، جنهن کي جهنگلي ان يا ڏٽ چئبو آهي. سال جي جدا جدا مندن ۾ جدا جدا قسمن جا ميوا ۽ پاڄيون ٽيندڙيون آهن، جي ڏٽ ڪري ليکبيون آهن. ڏٽ تي گذارو ڪندڙن کي 'ڏوٽي' چئبو آهي. ڏٽ جهنگ جي قدرتي پيدائش آهي، جنهن تي پائي پئسو خرچ ڪونهي.

'ناڪ جهل نه پل، نڪور ڏيهه ۾'

"ڏٽ هٿ ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. 'ڏٽ' لفظ ۾ جي شيون اچي وڃن ٽيون انهن ۾ پرٽ ميها، چپڙ، ڪنيون، پپون، مريڙو، للر، مگرو، مرٽ، لاٽي، گول، ڪوندير، ڦڙ سير، سوئيو، ٽوهه، ڪِئه، مانڊاڻو، مکڻي، سائنون، لنب، ڪاٽونيا، ٻَروُ، ڪرنگهه، ڳاگا، ٻير، آراڙي، پُسي، ڏونرا، پَڪا، سِگر، پيرون اهو آهي جهنگلي ڏٽ، جو ائين ئي بينو آهي، جنهن تي ڪنهن جي به مالڪي ڪانهي، جنهن جي مرضي پوي سو چونڊي کينو اچي"(4).

جنهن جي معنيٰ جامع سنڌي لغات ۾ آيل آهي.

"جهڙ: ڏونري ولوڙڻ بعد تري آيل ڦيڙ (جنهن مان مکڙ ٿهي)، مکڙ نه نڪتل ڏُڏُ - مهي، گهاٽو ڏُڏُ"(5)

سچل مارئي جي داستان ۾ ٽرواسين جي مسڪيني ۽ سادگي

کي پيش ڪيو آهي، سندس اهو انداز سندس شاعري ۾ عوامي لاڙن کي جنم ڏئي ٿو. نوري جي سُر ۾ درياءَ جي مڇين جي قسمن مهاڻن ۽ انهن جي طرز حيات کي پيش ڪري ٿو ته هي طرف مارئي جو داستان ڳائيندي ٿر جي سادن ۽ سودن لوڪن جيڪي ڏُٺ تي گذران ڪن ٿا، جيڪي جَهڙ پياڪ آهن، انهن کي پيش ڪري ٿو.

سچل سرمست جي مٿي پيش ڪيل بيت ۾ ٽاريلن / ٿر ۾ رهندڙن جي زندگي جي تصوير چٽيل آهي؛ اها سندس شعري خوبصورتي ته آهي ئي پر هن شعر ۾ هڪ ست "ڳاڙهيون، ڪاريون لوئيون، پهرن تن پوشاڪ" مان اسان کي ٿر جي تمدني حياتي بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي. ٿر جون لوئيون اڄ بہ وڏي شوق مان گهٽي رقم تي خريد ڪري استعمال ڪيون ويندیون آهن، ٿر هٽ جي هنرن ۾ بہ وڏو ڪمال رکي ٿو، رام سنگهہ سوڍو پنهنجي هڪ مضمون 'ٿر – ڪجهہ حقيقتون' ۾ ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

> "جڏهن ٿر جي دستڪاري هنرن ۽ ثقافت کي ڏسجي ٿو ته عقل دنگ رهجيو وڃي. ٿر جي عورت سُئي هٽ ۾ ڪٽي، جڏهن رلي تياري ڪري ٿي ته فن جو شاهڪار ليڪجي ٿي. انهيءَ سئي مان جڏهن پرت پري ٿي ته اهي گج، ڪنجري، چادرون پرڻ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ٿي. ردن جي اُن کي آرت ٿي ڪتي، شالون، لويون ۽ ڪٿا تيار ڪن، داس کي ڳنڍي ڪڙ، رسا ۽ جالنگ تيار ڪيو وٺن، اٽ جي ملس مان بهترين فراسيون ۽ ڪڙ ٺاهين، ڪنيار چڪ کي چوري ته مٽيءَ مان من موهيندڙ ٽانو ٺاهيو وٺي. چمار چمڙو ضايع ڪونہ ڪري، منجهائنس ڪيتريون ئي شيون

جوڙي جهڙوڪ: جهاڙولا، جتيون، سانداريا، سانداريون،
ڪاترا، مٽي رکڻيون، (سينهورڙيون) ڪوس ۽ ورت
وغيره»[6].

مارئي جي داستان ۾ سرمست سائين مارئي جي ڪيفيتن جو
به ذڪر اذڪار ڪيو آهي، ائين ته هر فرد لاءِ برسات خوشي جي ننڍڙي
نويد ئي سهي پر ٿرواسين لاءِ برسات جياپي لاءِ وڏو سبب آهي. تڏهن
ئي ته اها چوٽي به مشهور ٿي ته "ٿروسيو ته ٿرنه ته برئي بر" سو مارئي
جڏهن عمر جي قيد ۾ گذاري پئي ته مٽان وري وڃڻين جا وراڪا ۽
ڪڪڙن جا ڪڙڪاٽ ۽ هر طرف ميگهه ملهار جو سايو هجي ته پوءِ قيد
وبند ۾ بظاهر مجبور پر اندر ۾ مضبوط حوصلي ۽ همٿ واري مارئي
برسات جي موسم ۾ پنهنجن ويران پٽن کي سائو ٽيڻ وارن منظرن کي
ياد ڪندي آلاپي ٿي.

هي خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏانهن،
ته "انا مينهن ملير ۾، ٽيو پٽڻ ۾ پاڻي
گل ڦل گلزاريون ٽيا، رڻ سپ ريجاڻي"
تون پي صاحب سجاڻي، موڪل ڏينم مڙي مران.

—

مون کي رات رسيون، ڏيهه ڏاڏاڻون خبران،
ته ساڻيهه سپ سرهو ٽيو، وڃون واه وسيون،
اچي ياد الله ٽو، ڦوڳ ڦلار پسيون،
برابر بادل ڪيون، مني لوءِ لسيون،
ساول ڪائي سبزيون، ٽيون سجي سسيون،
ڳاڙهيون اڇيون ڪاريون، لاهن غم گسيون،
وڙهيون ڪَس ڪسيون، پٽ آهن تار ترايون.

سچل هن سُر جي ڪن بيتن جي قافين ۾ تصغيريت جو پڻ استعمال ڪيو آهي، جنهن سبب انهن بيتن ۾ موسيقيت پيدا ٿئي پئي آهي جيڪا خوبي يقينن سچل سائين جي بيت جي حوالي سان اهم آهي.

هِت ڏسان ڏوٽيڙن جيون ويڻي واٽڙيون،
هُت پون پنوهارن تي، مڻيون مانڙيون،
ياد اَتي جو مون پيون، چوهون چاٽڙيون،
توڙي چار ڪندان لوئي جون، هت ڦاڪين ڦاٽڙيون،
تان پي وڃان اوڏهين، جتي ڪنوٽيون ڪاٽڙيون،
مون کي لوهن لاٽڙيون، تن لالن سنديون سومرا.

حُسن، سونهن، سوڀيا، سرهاڻ، سڳنڌ، نزاڪت، حساسيت، حسناڪي جي ئي دائري ۾ اچن ٿا. انسان بنيادي طور انهن شين کي پسند ڪندڙ آهي. حُسن کي پسڻ، ان جو اظهار انساني فطري جذبن جي تسڪين آهي ۽ شاعري جي بنيادي محرڪن ۾ سُونهن، سوڀيا، سڳنڌ ۽ سرهاڻ شامل آهي. شاعري جي اهڙي خوبصورت ۽ نازڪ خيال شعر کي 'سينگار' سڏيو ويو آهي. حيڪو لفظ 'شرنگاررس' مان نڪتل آهي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو:

"سنسڪرت ساهت ۾ 'عشقيه شاعري' کي 'شرنگاررس' چوندا آهن. اها عشقيه شاعري (يعني سينگاررس) بذات خود 'حود شرنگاررس' ناهي، مگر ان ذريعي 'شرنگاررس' پيدا ڪري سگهجي ٿو. رس — سواد وٺڻ / پيار ڪرڻ"[7].

حُسن جو بيان. محبوب جي ڪارين چڳن خنجر اکين. گلابي ڳل، ڳاڙهن چپن. صراحي جهڙي ڳچي. صوفن جيان اپريل سيني، شينهن

جھڙي چيلھ، ڊيل جھڙي ھلڻي ۽ عطر عنبير ۾ واسيل ماڪ جھڙي نازڪ بدن جو ذڪر 'شرنگاررس' ۾ خوب ڪيو وڃي ٿو. سچل، حُسن پرست شاعر آھي. ھن جي سرائڪي شاعري حُسن وجمال جو شاھڪار آھي تہ ساڳي ريت سنڌي بيت ۾ پڻ جانب جو جمال جو جلوو پيو پسجي:

قطر آب عرق، سونھن سچڻ منھن تي،
جرڪن جھلڪن ائين جيئن پين ماڪ مرڪ،
داڻا ڪن درڪ دل ۾ دردين جي.

سچل سرائڪي ڏوھيڙي ۾ چئي ٿو:

چشمان شور شراب مثالي غمزي رنگ گلابي،
نطر گھتن جنھن طرف اتي، تنھن طرف ٽيوي بيتابي،
مشتاقان دي ليان ڏھون، ڪرديان شور شتابي،
سَڻن جھٽن تي پٽ ڪاون 'سچل' عين عذابي.

اسان مٿي سچل جي شاعري جا جيڪي نمونا پيش ڪيا آھن اھي سمورا نمونا بيت جا آھن سچل بيت ۽ ڪافي جو خوبصورت ۽ باڪمال شاعر آھي. بيت سنڌي ڪلاسيڪل توڙي لوڪ شاعرن وٽ مقبول ۽ عام صنف رھي آھي. قاضي قادن، مخدوم نوح ؒ، ميون علي شيرازي، شاھ عبدالڪريم، شاھ لطف الله قادري، ميون شاھ عنايت رضوي، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، شاھ شريف، عبدالرحيم گرھوڙي، شيخ ابراھيم، ڪبير شاھ، بلال شاھ، قطب شاھ جھڙن شاعرن بيت خوب چيو آھي.

سچل بيت جي قافيي ۾ تصغيريت جو استعمال ڪري منجھس رس — چس پيدا ڪيو آھي. ان کان سواءِ سرمست سائين، مختلف موضوعن تي پڻ بيت چيا آھن جن ۾ 'وحدت'، 'حقيقت'،

'ڪانگ'، 'پورب'، ۽ 'روجهن' بابت بيت شامل آهن.

مختصر طرو هت، مٿين موضوعن تي چيل بيتن مان اسان هڪ هڪ بيت نموني طور پيش ڪيون ٿا.

وحدت بابت بيت: هن عنوان هيٺ فلسفہ وحدت الوجود جي اپٽار ٿيل آهي ان کان سواءِ سالڪ کي اهو بہ سمهجايو ويو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي پيروي کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو[8].

هيءَ نہ ذات هُڻاءِ جي، آهي نڪا تقليد،
تحقيقاً توحيد، آهي راهہ رسول جي.

—

ڇاڻي نہ تفاوت، عبد ۽ الله جو،
هو آهي امرت، هي پي ڏور نہ ان کوڻ.

حقيقت بابت بيت: هن عنوان هيٺ چيل بيتن ۾ سرمست سائين سالڪ کي سلوڪ جي راهہ سمجهائي آهي. تصوف جي منزلن ۾ حقيقت هڪ اهم منزل آهي، جنهن جاءِ تي سالڪ خدا جي حقيقت کي سمهجي سلوڪ جي راهہ جي سفر اڳيان وڌائي ٿو.

سچو سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامو هُلَ،
هندو مؤمن سو ٿيو پول نہ ٻئي ڪنهن پُل،
'خلق الاشياء فهو عينها' اِهو آن عمل،
ٿج گلابي گل مر مار نئي منصور جان.

مرغ نامو: اها بہ پراڻي روايت رهي آهي تہ محبوب کي مخفي پيغام پهچائڻ لاءِ ڪانگ ئي پيامي ٿيندو آهي. ڪانگ هٿان هُن پَر سڪ جو سينهو پهچائڻ واري روايت بہ لوڪ ڏاهپ جو نمونو آهي. پکي

پکڻ، جيت ماکوڑيون وغيره قدرتي آفتن ۽ موسمي تبديلين کي جلد محسوس ڪري وٺن ٿا. سموري ساهدار فطرت سان جڙيل آهي. آڳاٽي زماني کان هلندڙ اهاڃ روايت اسان پنهنجي ننڍپڻ تائين ڏٺي ته گهر جي پت تي جيڪڏهن ڪانگ اچي 'ڪَان' 'ڪان' ڪري ته پک سان ان گهر ۾ مهمان ايندا، هي روايت گهٽي حد تائين مون پاڻ درست ڏٺي، مقصد ته ڪانگ ۽ ٻين جاندارن جيان انسان سان جڙيل رهيو آهي. سچل پنهنجي شاعري ۾ ڪانگ کي موضوع بڻائي بيت ۽ ڪافيون چيون آهن:

ڪانگ آيم اڄ، پريان سندي پار ڏهن،
ڳالهيون ڪيائون سڄڻان، سي روح ٻڌي ڪيو رڄ،
پکي ڪيو نا پڄ، ظاهر ڪيائين زبان سان.

پورب جا بيت: 'پورب' معنيٰ اوپر سنڌ ۾ پورب پاسي (پارت ۾ ڪانپور کان بهار تائين) کان هندو فقير ايندا رهيا آهن، جن مان ڪي سنڌ مان ٽي هنگلاج جو تيرٿ پيٽڻ ويندا هئا. شاهه لطيف ۽ هندو فقيرن بابت بيت چيا آهن، جن کي 'پورب جا بيت' چيو ويندو آهي.

هنن بيتن ۾ سچل انهن هندو فقيرن جي سفر جو بيان، انهن جا مختلف نالا ۽ انهن جا مرتبا بيان ڪيا آهن[9] :

گنگا کانءُ گذر، آهي ڪنين ڪاپڙين جي.
ڪڏهن لوڪ نه لڙيا، سدا تن سفر.
آهي نام مَشَر، انهن اڏوتين جو.

—

پورب پنڌ نه آهي، ڪڏهن ڪاپڙين کي،
جت ماڻهن ميڙاکوٽئي، ساڃوئي جوڳين جاءِ،
سامي سر سواءِ، سودو ڪن نه ڪو ٻيو.

روجهن بابت بيت: روجهه ڳئون جهڙو هڪ جابلو جانور آهي، جيڪا پاڻي جي ڳولا ڪري ٿي ۽ مندائتي مينهن جو اوسيئڙو ڪندي آهي. جڏهن برسات نه پوندي آهي تہ پوءِ هڪ هنڌ ڪان ٻي هنڌ پهچي ٿي ۽ زارو زار روئي ٿي ۽ گجگوڙ ڪري ٿي ۽ جڏهن ابر پرجي اچن ٿا. ڪڪرن جا ڪڙڪاٽ ٿين ٿا تہ پوءِ روجهه ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ۾ نهاري ٿي. سچل سائين روجهه جهڙي جانور کي بہ پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي ۽ روجهه جي عادتن ۽ مينهن لاءِ تڙپڻ واري حالت کي بيان ڪيو آهي:

روجهون رڻ ياد ڪيون ايئون رت رئن،
هر ڪنهن ويل هئن اهڙن اوراتن ۾.

—

جڏهن ٽيا ابر تڏهن روجهن ڳاٽ مٿي ڪيا،
مولئ وڃڻيون ميڙيون، جن ٿي گذاريا اوسر،
پهاڙي جي پاند ۾ گڏجي ڪن گذر،
ٽيون سيئي سَر لنگهين ڏکيا ڏينهڙا.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ خاص طور بيت ۽ ڪافي تمام وڏي مقدار ۾ ملي ٿي. ڪافي سنڌ جي آڳاٽي شعري صنف آهي. سچل کان اڳ جي ڪيترن ئي شاعرن ڪافي چئي، جن ۾ ميان صاحبڏنو فاروقي، حافظ عبدالله قريشي، سيد راشد روضي ڏٽي، عبدالله فقير ڪاتيار، روحل فقير ۽ مراد فقير شامل آهن مگر سچل سائين ڪافي جي قافين جي متا ستا سان ان ۾ تبديليون آڻي ان جي گهاڙتين ۾ وسعت پيدا ڪئي ۽ اهڙي ريت ڪافي جا پنجاهه کان وڌيڪ نمونا متعارف ڪرايا. هن کان پهرئين ڪافي ۾ ايتري وسعت نه هئي[10]. سچل يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي، چئوٽي ۽ پنجوٽي ڪافي چئي آهي، جنهن ۾

سندس تصوف وارو اعلیٰ فکر سمایل آهي.

صورت سي سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو
ڪاٽئين حنبل، شافعي، ڪاٽئين مالڪ، نعمان،
ڪاٽئين پٽي پوٽيون، ڪاٽئين پڑهي قرآن،
ڪاٽئين اناالحق چوي، ڪاٽئين قيمر فرمان،
ڪاٽئين طفوليت ۾، ڪاٽئين پيمر جوان،
ڪاٽئين ميمر وزير ٿيو، ڪاٽئين هنومان،
'سچو' پيو صبمر ۾، هو حيمرت ۾ حيمران.

سچل جي هر ڪافي موضوعاتي طور هر سُر ۾ چيل آهي. مثال طور: سسئي پنهون، مومل راڻو، نوري جام تماچي، هير رانجهو، عمر مارئي، جڏهن ته موسيقي جي حوالي سان سچل جي ڪافي آسا، گجري، بلاولي، پيروي، ڏناسري، ٽوڙي، جهنگلو، سارنگ، برو، ڪسوري، پهاڙي، جوڳ، پوربي، ڪوهياري، مالڪوس، ڪلياڻ ۽ ڪنيات سرن ۾ چيل آهن.

پهاڪو / چوٽي لوڪ ڏاهپ جو نادر نمونو آهي. پهاڪو / چوٽي انساني سوچ سان سفر ڪندو اڳتي وڌي ٿو. تنهن ڪري منجهس ڪيترائي زمان قيد ٿيل هوندا آهن. پهاڪا اسان جي تمدني، تهذيبي، معاشي، سياسي توري اخلاقي حالتن کي چٽيندا آهن. پهاڪي جي عالمن جي خيال موجب پهاڪو / چوٽي عام دانائي، حڪمت ۽ دانش سان ڀريل هڪ اهڙو مختصر جملو هجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن وڌي ڳالهه ڏانهن اشارو يا نصيحت سمايل هجي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پهاڪي بابت لکيو آهي:

"پهاڪو لفظ جي اکري معنيٰ آهي، اهو نڪتو يا
گفتو جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي.

عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو گفتو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻجي ٿو: جنهن مان ٻين کي اڪثر صحيح واٽ تي هلڻ لاءِ اشارو ملي ٿو"[11].

سچل سرمست جي ڪلام مان اسان کي اهڙيون ستون پڻ ملن ٿيون جيڪي پهاڪي طور استعمال هيٺ آندين وڃن ٿيون:

- اهو برپي بازر آءِ، جتي ديرو دوست جو.
- ڏونگر سي ڏورينديون، محبت جن کي من ۾.
- جوئن کي جواب مرد نہ ڏين مينڊرا.
- ماڻ ڪيان تہ مشرڪ، ڪچان تہ ڪافر.
- دوست دلا سو ڏجي، ڏاها ڏکوئين.
- آءٔ ڪتيان کي ڪانگ اڏايان.

ساڳي ريت شاهه لطيف، حمل فقير توڙي ٻين عام ۾ مقبول شاعر جي منفرد ستن کي عوام پنهنجي استعمال هيٺ آڻي پهاڪي / چوٽي واري حيثيت ڏئي ڇڏي آهي.

پڇاڻي:

- سچل سرمست خاص طور بيت ۽ ڪافي جي گهارٽين کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو.
- بيت ۾ هن مختلف لوڪ داستانن توڙي جدا جدا موضوعن کي پيش ڪيو.
- بيت جي قافيي ۾ تصغيريت آڻي منجهس موسيقيت پري اٿس.

- ڪافي جي گهاڙيٽي ۾ وسعت پيدا ڪئي ۽ ان ۾ تصوف جون رمزون سمهجايون.
- سچل جون ڪافيون مختلف راڳ / راڳڻين ۾ ڳائي سگهجن ٿيون.
- لوڪ ڏاهپ سان ڀرپور سٽون سچل جي ڪلام مان اپري پهاڪي جي صورت ورتي آهي.
- سچل سرمست، مارئي جي بيان ۾ ٽرجي عام ماڻهن جي تمدني ۽ تهذيبي زندگي کي بيان ڪيو آهي.
- نوري جي بيان ۾ پڻ درياءُ جو ماحول آندو اٿس.
- سچل عام ماڻهو جي طرزِ حيات کي پيش ڪيو آهي.
- سچل جي ڪلام ۾ تصوف جو موضوع وافر ملي ٿو پر هن انساني جبلتن مثال طور حسن و عشق کي به خوب ڳايو آهي.

حوالا:

(1) ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، سسئي پنهون، ص 2، سنڌي ادبي بورڊ 1986.
(2) ڈاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سچل لغات، ص 20، شامل رسالو سچل سرمست (عثمان علي انصاري)، روشني پبليڪيشن، 1997.
(3) ساڳيو ص 20.
(4) را ئچند هريجن، تاريخ ريگستان، (جلد ٻيو)، ص 377، سنڌي ادبي بورڊ 1988.
(5) ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، جامع سنڌي لغات (جلد ٻيو) ص 965، سنڌي ادبي

بورڊ 1981.
(6) عبدالقادر منگي (مرتب)، ٽر، ص 239. ٽر پبليڪيشن 1993.
(7) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص 133. سنڌالاجي.
(8) ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2011ع.
(9) ساڳيو.
(10) سچل سائين جي شاعري جي فن لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب "سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر".
(11) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)، ص 31. روشني پبليڪيشن ڪنڊياري 1996.

سچل سرمست جا همعصر فارسي گو شاعر

سنڌ ۾ ڪلاسيڪل شاعري جي روايت جيتري قديم ۽ سگهاري آهي ان کان ٻه قديم روايت سنڌ ۾ فارسي شاعري جي آهي. سنڌ جي سمورن شاعرن سنڌي، سرائڪي سان گڏوگڏ فارسي زبان ۾ شعر چيو آهي. تاريخ جا ورق ٻڌاين ٿا ته سنڌ ۾ تيرهن صدي عيسوي کان فارسي شاعري جا آثار نظر اچن ٿا. هن ضمن ۾ حامد بن علي ڪوفي ۽ قلندر شهباز جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا. جنهن کان پوءِ سَما دور جي ڪن عالمن مخدوم بلاول، شيخ حماد جمالي، شيخ عيسىٰ، جام نظام الدين عرف جام نندو جا فارسي شعر تذڪرن ۾ محفوظ ٿيل ملن ٿا. هن دور ۾ فارسي زبان توڙي شاعري جو چرچو سنڌ ۾ ٿيڻ لڳو هو. ارغونن جي سنڌ تي قبضي سبب فارسي جو اثر هن خطي ۾ ٻه وڌيو ۽ سرڪاري زبان جو درجو حاصل ڪيائين شاهه حسين ارغون خود "سپاهي" تخلص سان فارسي ۾ شعر چيو آهي. سنڌ ۽ مغل دربار جا تعلقات پاڻ ۾ گهٽي وقت کان رهيا اهڙي ريت مغل دربار جا ايران جي حڪومت سان پڻ تعلقات رهيا آهن جنهن سبب سنڌ سميت برصغير ۾ ايران جي عالمن، شاعرن ۽ اديبن جي اچ وچ رهي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسان ڪلهوڙا دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي مولانا رومي جو وڏو اثر ڏسون ٿا ساڳي وقت تالپر دور ۾ سچل سرمست تي شيخ فريدالدين عطار، احمد جام زنده پيل جو خاص طور اثر موجود آهي.

سنڌ جي صوفياڻي خيالن وارن شاعرن نه رڳو پاڻ کان اڳ جي

فارسي گو صوفي شاعرن جي فڪر جو اثر قبول ڪيو پر خود بہ فارسي زبان ۾ شعر چيو آهي، سچل سرمست جتي حسين بن منصور، عطار، احمد جام زنده پيل ۽ ٻين ڪيترن صوفي رهنما شاعرن جو اثر ورتو آهي اُتي هن خود بہ فارسي زبان ۾ شعر چيو آهي. سندس فارسي تصنيفن ۾ "ديوان آشڪار"، ساقي نامو، مثنوي راز نامو، تارنامو، گدازنامو، عشق نامو، درد نامو، رهبر نامو، وصلت نامو ۽ وحدت نامو موجود آهن. سچل سائين جي دور ۾ سنڌي، سرائڪي شاعري سان گڏ فارسي شاعري جو وڏو چرچو رهيو. هن صفحن ۾ اسان سچل سائين جي دور جي رياست خيرپور ۽ شڪارپور سان تعلق رکندڙ ڪن اهم فارسي گو شاعرن جو مطالعو ڪنداسين، جنهن جو مقصد اسان سامهون فقط اهو آهي تہ اسان سچل سائين جي دور ۾ موجود فارسي شاعري جي روايت ۽ تاريخ کي مطالعي هيٺ آڻي سگهون.

ميراسد الله بکري:

ميراسد الله، بکر جو رهاڪو ۽ ميرمعصوم "نامي" جي ڏُهٽاڻ مان وڏي استعداد ۽ علميت جو صاحب ٿي گذريو آهي [1].

ميرعلي شير "قانع" جي ساڻس مرادآباد ۾ ملاقات ٿي هئي. جتي سيد اسد الله، ميان مرادياب ولد نورمحمد ڪلهوڙي وٽ رهيل هو [2]. شعر ۾ "آرزو" تخلص ڪندو هو. نالي جي مناسبت سان ميرقانع سندس سجع ٻاهي.

"اسدالله ساقيءَ ڪوثر" [3]

ميرعلي شير قانع پنهنجي ڪتاب "مقالات الشعراء" ۾ لکي ٿو:

"سيد اسد الله جي حڪيم يعقوب خان سان دوستي هئي ۽ ٻئي گڏ هوندا هئا. پاڻ وضعدار سيدزادو هو" [4]

سيد اسدالله "ساقي" جو ان کان وڌيڪ زندگي جو احوال نٿو ملي ۽ نہ ئي سندس جنم جي تاريخ بابت ڄاڻ ملي ٿي. شاھ صاحب جي وفات جو سنہ بہ ھت نٿو اچي البت علي شير قانع پنھنجي ڪتاب تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو:

"اکنون در سلک احياء منخرط مسموع" [5]

يعني "اڄ تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ ھو زندھ آھي". ھي زمانو 1181ھ/1767ع جو آھي، ڇاڪاڻ تہ ميرعلي شير قانع پنھنجو ڪتاب تحفة الڪرام 1181ھ/1767ع ۾ لکي پورو ڪيو. توڙي جو مير قانع ان کان پوءِ 1188ھ/1774ع تائين ان ۾ ڪي اضافا بہ ڪندو رھيو [6].

ھن بيان جي روشني ۾ اسان چئي سگھون ٿا تہ مير اسدالله "ساقي" 1181ھ/1767ع تائين حيات ھو ۽ ان کان پوءِ ئي وفات ڪئي ھوندائين. ان نسبت سان مير "ساقيؔ" کي سچل سرمست جي وڏن معاصرين ۾ شمار ڪري سگھجي ٿو.

مير اسد الله "ساقي" فارسي جو بھترين شاعر ھو. ھي حڪيم مير يعقوب جو شاگرد ۽ پاڻ بہ وڏو حڪيم ھو. طب جي مشھور ڪتاب "ذخيره خوارزم شاھي" [7] جو اختصار ڪيائين. جنھن مان سندس طبي استعداد جي ڄاڻ ملي ٿي [8].

مير "ساقي" جي ڪا گھٽي شاعري ھت نٿي اچي، ھت سندس ھت آيل ڪجھ فارسي ڪلام نموني طور ڏجي ٿو.

فارسي بند

مست گردم ز بـــــادهء کـــــوے
اسدالله ساقيـــــــــــم باشـــــد.

مناجات فارسي

اي انيس بزم مخرونان رب العالمين،
رحم كن برحال زار من تو ارحم الراحمين،
بر درت فرياد مي دارم همين مالم جبين،
قرب ده با دوستان يا جامع المتفرقين،
لا تذرني رب فردا انت خير الوارثين.
چون غمي دارم، بده آرام در دنيا و دين،
جز تو ديگر نيست غمخوار بدل دارم يقين،
ياد فرمائي، كه دارم درد بر دل پر حزين،
زود فريادم برس بر ناله اندوهگين،
لا تذرني رب فردا انت خير الوارثين.

—

ديگر آن دارم عجائب آرزوئي خوشتري،
ده مرا جاي بفضل خود بفردوس برين،
ساقي كوثر دهد جام شراب و انگبين،
اين همه حاجات گفتم، كن اجابت را قرين،
لا تذرني رب فردا انت خير الوارثين. (10)

سيد رحمت الله بكري

سيد رحمت الله بكري بن لطف علي رضوي بكري، كلهوڙا حاكم ميان عبدالغني 'فيروز جنگ' بهادر جو درباري شاعر ۽ ميربجار جو اوطاقي هو. بكر جي اجاڙ ٽيڻ كان پوءِ رضوي سادات كي روهڙي ۾ رهيا تہ كي وري پنهنجي بكار واري جاگير ۾ مقيم ٿيا. سيد رحمت الله پڻ بكار جي جاگيردارن مان هو (11).

سيد رحمت الله بکري جي زندگي بابت اسان کي ڪو گهڻو احوال دستياب نہ ٿيو آهي ۽ نہ ئي سندس جنڊ ۽ وفات جا سنہ ملي سگهيا آهن البتہ اها جاڻ ملي ٿي تہ هو 1194ھ/1780ع تائين حال حيات هو[12].

سيد رحمت الله بکري فارسي جو چگو شاعر هو پر افسوس جو سندس ڪو گهڻو ڪلام دستياب ناهي. مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" (جلد ٻيو) ۾ سيد صاحب جو سنڌ متعلق چيل هڪ قصيدي جا ڪجهہ شعر نقل ڪيا آهن. جيڪي هت سيد رحمت بکري جي ڪلام جي نموني طور پيش ڪجن ٿا[13]:

بارک الله کشور سنڌ سواد دلکشا،
کز غبار او بود چشم فلک را توتيا،
آبروئي چهره خلد برين را آبرو،
از هوايش گلشن فردوس را نشونما،
شرخشان باده‌ء توحيد را ميخانہ،
ارزو وعده ايصال را سلمي نما،
بسکہ آدم پرور آمد اين گلستان هنر،
سبزاز کهسار مي روييد همہ مردم گيا،
در چنين ملک ملک خيز ملائک پرور،
در بنود گرشد ابليس از کفرش رها،
در دل پر مهر سنڌ اين نهر مهران روان،
شادي ديدار يار وعدهٔ وصل وفا،
ماشاء الله رود مهران سراپا مهربان،
جوئبار سلسبيل و چشمہ آب بقا،
نيل مصر ازانفعال روء اوبر چهره نيل،

آب خضر از شرم او زد غوطه در بحر خفا.
"كل شـــي حي" آمد وصف احياي دمش،
از صفـــات حق زده آب بروئي كـــارها.

منشي عطا محمد شكارپوري

مرزا عطا محمد جي والد جو نالو حافظ شاهه محمد ٻڌهيو هو. سندس وڏي ڏاڏي جو نالو ميان ٽڏو چيو ويو ٿو[14]. مرزا عطا محمد جي جنم تاريخ کا پڪي پختي نٿي ملي، البت عبدالحي حبيبي افغاني جي اندازي موجب هو سنه1200ھ/1785ع ۾ ڄائو[15]. هن تعليم پنهنجي والد بزرگوار ۽ شڪارپور جي مدرسن مان حاصل ڪئي. ٿي سگهي ٿو ته مرزا عطا محمد سموري مذهبي تعليم ۽ فارسي جو علم حاجي فقير الله علوي جي مدرسي مان حاصل ڪيو هجي. ڇاڪاڻ ته حاجي فقير الله علوي، مرزا عطا محمد جي ڏاڏي ميان عبدالرحيم جو دوست هو[16].

مرزا عطا محمد شكارپوري جو مامو شير محمد خيرپور رياست جي بااعتماد اميرن ۾ شمار ٿيندو هو. سنه 1225ھ/1810ع ۾ شاهه محمود افغانستان جو نئون بادشاهه بڻيو ته حيدرآباد جي ميرن طرفان سيد اسماعيل شاهه ۽ خيرپور جي ميرن طرفـــان شير محمد خـان ڪابل جي دربار لاءِ سفير ٿي ويا ان سفر ۾ عطا محمد به پنهنجي مامي سان گڏ ڪابل ويو ۽ بادشاهه شاهه محمود حي تاجپوشي ۾ شريڪ ٿيو ۽ وزير اعظم فتح خان جي خدمت ۾ رهيو. بعد ۾ شهـزادي كامـران بن شاهه محمـود (م: 1259ھ/1843ع) جي هٿان فتح خان قيد ٿيو ۽ انڈو ڪيو ويو ته سندس جي سفيرن سان گڏجي مرزا عطا محمد واپس شكارپور آيو[17].

مرزا عطا محمد ان کان پوءِ شڪارپور ۾ سنہ 1235ھ/1819ع شاھ شجاع الملڪ وٽ منشي گيري جي ڪرت اختيار ڪئي ۽ شاھي فرمان لکندو ھو. سندّ جي ميرن ڏانھن بہ شاھي سياسي رقعا تحرير ڪندو ھو[18]. ھو بھترين انشاپرداز ھو. ان ڪري ھميشہ اميرن ۽ شاھن جي نظر ۾ ممتاز رھندو ھو.

سنہ 1237ھ / 1821ع ۾ ملا مومن غلزئي کي شڪارپور جي نيابت تان معزول ڪيو ويو تہ سردار رحمدل خان سان گڏ مرزا عطا محمد قندّاري شڪارپور آيو. مرزا عطا محمد شڪارپوري، مرزا عطا محمد قندّاري وٽ منشي گيري جو شغل انجام ڏيڻ لڳو[19]. پر ڪجھ وقت کان پوءِ مرزا عطا محمد شڪارپوري پنھنجي دوست ملا مومن غلزئي جي دعوت (مومن، شڪارپور مان قندّار وڃڻ وقت مرزا تي پاڻ سان ھلڻ لاءِ زور ڀريو ھو) تي قندّار ويو ۽ ڪيس اتي وڏو مان مرتبو ڏنو ويو ۽ ھو مختيارڪار جي عھدي تي فائز رھيو. ڪيس "منشي" جو خطاب بہ اتي ئي مليو ھو. سنہ 1238ھ/1822ع تائين اتي رھيو ان کان پوءِ شڪارپور واپس ڪڏھن موٽيو ان بابت سُڌ ناھي[20].

مرزا عطا محمد، قندّار مان شڪارپور ڪڏھن موٽيو ان بابت ڪا ڄاڻ ناھي پر ھو سنہ 1249ھ/1833ع ۾ اسان کي شڪارپور ۾ نظر اچي ٿو. ان سال ئي شاھ شجاع ۽ ميرن وچ ۾ جنگ لڳي. سيد ڪاظم شاھ، مرزا عطا محمد شڪارپوري تي جنگ ۾ شامل ٿيڻ جو زور ڀريو. پر ھو ان ۾ ان لاءِ شامل نہ ٿيو تہ: "ھن جو ڪم قلم ھلائڻ آھي تلوار ھلائڻ نہ!"[21].

منشي عطا محمد انگريزن جي دور ۾ ڪليڪٽر ايسٽوڪ جو دفتردار پڻ ٿي رھيو ۽ ان جي چوڻ تي ھن تاريخ لکڻ شروع ڪئي[22].

منشي عطا محمد شڪارپوري جي وفات جو پڪو پختو سنہ نٿو ملي، پر ھن جو 1272ھ/1855ع تائين حيات ھجڻ جو ثبوت ملي ٿو.

پروفيسر امين الله علوي جي خيال موجب مرزا صاحب 72 ورهين کان ٽپيل هو ۽ 75 ۽ 80 ورهين جي ڇمار ۾ وفات ڪئي اٿس[23]. ڪيس ڇهه پٽ هئا: 1. مرزا محمد حسن (هي انگريزن وٽ قاضي جي عهدي تي فائز رهيو) 2. مرزا رحمت الله 3. مرزا عبدالله 4. مرزا قادربخش 5. مرزا عبدالحڪيم 6. مرزا عبدالرسول. مرزا عطا محمد جو اولاد اڄ به شڪارپور ۾ رهائش پذير آهي[24].

منشي عطا محمد بنيادي طرح هڪ بهترين انشا پرداز هو. هن سنڌ جي تاريخ متعلق فارسي زبان ۾ به ڪتاب به تحرير ڪيا.

1. تاريخ تازه نواءِ معارک 2. خزائن تاريخ.

1. **تاريخ تازه نواءِ معارک:**

منشي هن ڪتاب ۾ سنه 1205ھ/1790ع ڪان 1268ھ/1851ع تائين سنڌ ۽ افغانستان جي سياسي، تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي چشم ديده واقعات کي ڪولي بيان ڪيو آهي. مرزا عطا محمد هي ڪتاب ايسٽوڪ نالي انگريز جي همٿائڻ ۽ زور پرڻ تي لکيو[25].

"تاريخ تازه نواءِ معارک" سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنه 1959ع ۾ فارسي زبان ۾ شايع ٿيو جنهن کي عبدالحي حبيبي افغاني ايڊٽ ڪيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو نياز همايوني ڪيو. جيڪو ساڳي اداري سنه2005ع ۾ شايع ڪيو آهي.

2. **خزائن تاريخ:**

مرزا عطا محمد جي هن ٻي ڪتاب ۾ چارلس نيپيئر ۽ هروچن جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگين جو احوال ڏنل آهي. جيڪي سنه1261ھ/1844ع ۾ لڳيون. هي ڪتاب برٽش ميوزم ۾ O.R سيڪشن ۾ موجود آهي ۽ 1891ع واري فهرست ۾ ان جو ذڪر آهي. سنڌ ۾ هن ڪتاب جو ڪوبه نسخو ڏسڻ ۾ نه آيو آهي، ممڪن آهي ته اهو هڪڙو ئي نسخو هجي[26].

منشي عطا محمد شڪارپوري پنهنجي وقت جو بهترين انشا پرداز ۽ غير جانبدار مؤرخ هجڻ سان گڏوگڏ فارسي زبان جو چگو شاعر پڻ هو. سندس ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت موجود آهي. پروفيسر امين الله علوي، منشي عطا محمد جي شاعري متعلق هن طرح راءِ ڏئي ٿو:

"منشي عطا محمد جي فصاحت ۽ بلاغت واري ڪلام کي ڏسندي ائين چوڻ ۾ هيڪ محسوس نه ٿيندي ته مرزا صاحب شاعري ۾ ديوان بہ مرتب ڪيو هجي پر افسوس جو سندس ڪلام زماني جي گردشن سبب گم ۽ تلف ٿي ويو آهي. صرف "تازه نواءِ معارڪ" ۾ ڪي شعر ملن ٿا جن مان سندس قادر الڪلام شاعر هجڻ جي خبر پوي ٿي"[27].

منشي عطا محمد جو ڪلام اسان کي هڪ هنڌ يڪجا نٿو ملي البتہ سندس تصنيف "تازه نواءِ معارڪ" ۾ مختلف جاين تي سندس ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ملي ٿو. منشي جو ڪلام اخلاقيات ۽ روحانيت سان ڀريل آهي. توڙي جو هو سموري عمر بادشاهن جي درٻارن ۽ اميرن جي محفل ۾ رهيو. پر تنهن هوندي بہ سندس طبيعت وحدانيت ڏانهن مائل رهي.

دنيا جي خود فريبي، بي ثباتي، مڪاري ۽ عياري جي متعلق مرزا عطا محمد چئي ٿو:

چيست دنيا کهنہ زال پرفني مکاره اي،
لولي آدم فريبي، ساحري، عياره اي.

—

ديو طبعي چاپلوسي، بد سرشتي بدرگي،
ماده غولي، كوز پشتي لاش اي پتياره اي.

—

سست عهدي، بيوفائي، زود رنجي ظالمي،
گنده پيري قحبه اي، شوهر كشي خون خواره اي.

—

هر كه دل بندد بدين زال فسونگر هست او،
ابلهي، لايعقلي ديوانه اي، بيكاره اي. (28)

منشي كامل انسان بنجڻ لاءِ چوي ٿو ته پاڻ مان غرور ۽ تكبر ختم كر پاڻ ۾ هينائين پيدا كر، سچائي جي واٽ اختيار كر ۽ پنهنجي واعدي تي قائم رهه ته پوءِ تون بهتر ٿي سگهين ٿو.

تاتوان در صداقت زيور دستار كرد،
سنگ بد عهدي زدن برسر گل ديوانگيست،
گر توان كردن تفرج در بهشت راستي،
سير صحراي شقوات از فرد بيگانگيست. (29)

منشي وحدت تاكثرت ۽ كثرت وحدت كل وارو بيان كجهه هن طرح كري ٿو:

برگ درختان سبز در نظر هوشيار،
هر ورقش دفتريست معرفت كردگار. (30)

منشي عطا محمد جي كلام ۾ هيا به كيترا اخلاقيات جا نكتا بيان ٿيل آهن جستجو ۽ پنهنجو پاڻ جلائي ٻين كي روشني ڏيڻ متعلق چئي ٿو:

تا نيست نگردي ره هستت ندهند،
اين مرتبه از همت بستت ندهند،
تا شمع صفت بسوختن تن ندهي،
سر رشته روشني بدستت ندهند. (31)

عشق جي مضمون ۾ بيان ڪندي چئي ٿو:

عاشق شوي وصل با آسودگي گني،
انديشه دور دارد که اين کار نازکست،
بلبل بشاخ هر گل آهيسته پابنه،
در باغ عشق خار ز گلزار ناز کست. (32)

منشي عطا محمد جي ڪلام ۾ اسان کي حمد ۽ نعت کان ويندي اصحاب ڪرام ۽ حضرت امام حسنؑ ۽ امام حسينؑ جي مدح ۽ ثنا بہ ملي ٿي. هتي سندس ڪجهہ ٽڙيل پکڙيل ڪلام هڪ هنڌ يڪجا ڪندي پيش ڪجي ٿو.

حمد

چو خورشيد فضلش نمايان شود،
گنہ همچو خفاش پنهان شود.

—

کريمست وبخشنده هر گناه،
بود برگنہ لطفِ او عذر خواه.

—

ز جودش بود مدعا رو سفيد،
نرفت از درش هيچکش نا اميد. (33)

نعت

نـگـيـن خـتـم رسـالـت مـحـمـد عـربـي،
امـيـد گـاه بـدو نـيـک احـمـد مـخـتـار.

—

اگـر نـه واسـطـه روي مـوي او بـودي،
خداي خلق نـگـفـتـي قسـم بـه لـيـل ونـهـار. (34)

نظم

قدح کرد روزي از مـيـنـا سوال،
کـه اي از تو روشن دل و وجد و حال.
صـفـا دلت صبح انـوار را،
خـيـال قـدت سرؤ گلزار را.
جگر تشنه از حسـرت قلقـلت،
نظر بر کمين کـا رنـگ ملـت.
اگر ان نماز است قهقهه چـر است،
اگر لهو باشد سجودت کر است.
صراحي ز غيرت جنون ساز شـد،
کـه از خون جگر شعله پرواز شـد.
اي چشمت از نور عـبـرت تـهـي،
نـداري ز اوضـاع دهـر آگـهـي.
همه چشمي و نسيتـي ديد ور،
همه گوشي و از جهـان بيخبر.
بـه مثل تـو خضر حقيقـت نـما،
نـه زيـبـد بـراه طـريـقـت خـطـا.

که داده است بر قتل عابد صـــلاح،
که گفریت خون مصلیٰ مبـــاح.
ازین غم بدل خون نه گریم چـــرا،
بر اوضاع دنـیا نه خندم چـــرا.
یکي غـافل از رمز هائي منـي،
نو آمـیز نیرنگ عـلم و دلـي.
ز طـاق ســـــــرا یافتـه آئینـه،
صـــفا در بغـــل طبع بـي کینـه.
دران آئینـه صـــورت خویش دید،
گـرفـتـار شـد هـر قـدر بـیش دیـد [35]

خواجہ نظام الدین سرھندي:

خواجہ نظام الدین، خواجہ غلام محي الدین جو فرزند ھو. سندس چھیـن پیڑھـي ۾ خواجہ مجدد الـف ثـاني سـان نـسبت ڳنـڊيجي ٿـي. خواجہ نظـام الـدین جـي ولادت 1204ھ/1789ع ۾ پـشاور ۾ ٿـي [36]. سنہ 1205ھ/1790ع ۾ خواجہ غلام محي الدین پنھنجن بـن پٽـن خواجہ نظام الدین ۽ خواجہ فدا محي الدین سان گڏجي شکارپور ۾ آیو. ھتان جو گورنر نواب مولا داد خان افغان سندس معتقد ھو. ھتان حج تي اسھیو ۽ حج کري موٽي پشاور ویو. جڏھن پشاور تي سکن قبضو کیـو تہ پنھنجي خانـدان سـمیت سـنہ 1221ھ/1806ع ۾ وري سنڌ ۾ آیـو. میـرن سـندس گھـٹي عـزت کـئي ۽ وڏي جـاگیر ڏنـي [37]. سنہ1244ھ/1828ع ۾ حیدرآباد ۾ وفات کیائین ۽ سرفراز کـالوني حیدرآباد ۾ دفـن ٿیـو [38]. سندس اولاد ان کان پوءِ شکارپور ۾ اچي مقیم ٿیو.

خواجہ نظام الدین جي تعلیم ۽ تربیت سندس والد خواجہ

غلام محي الدين جي زير سايه ٿي. پاڻ پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ وڏو عارف ڪامل شخص هو. شڪارپور ۾ سندس وڏو مان مرتبو هوندو هو. سنہ 17 رجب 1273ھ/1856ع ۾ وفات ڪيائين ۽ شڪارپور ۾ مدفن ٿيو[39]. سندس مريد ۽ فارسي جي شاعر مخدوم صالح وزير آبادي، خواجہ صاحب جي رحلت تي فارسي زبان ۾ قطعہ تاريخ جو ديوان مرتب ڪيو. جنهن ۾ 79 قطعہ آهن جن ۾ 1115 بيت آهن[40]. مخدوم صالح وزير آبادي جي چيل قطعہ تاريخ هن ريت آهي[41].

ز رجب هفدهم اشـــــراق شنبہ،
ازيـــن دار الفنـــــا گرديد راهي،
ز هاتف سال تر صيلش شنيدم،
نظام الدين مصبـــــــاح الهي،
شهنشاه مجددراست "صـــــالح"،
هميشہ غاشيہ بردوش داهـــــي.

خواجہ نظام الدين کي 9 فرزند هئا، جن مان خواجہ امام الدين پيءُ جي مسند تي ويٺو. هو به پنهنجي وقت جو عارف ڪامل شخص ۽ فارسي ۽ سنڌي جو شاعر هو[42].

خواجہ نظام الدين پنهنجي وقت جو فارسي زبان جو وڏو عالم ۽ بهترين شاعر هو. سندس ڪجهہ شعر هٿ آيا آهن جيڪي نموني طور پيش ڪيا ويندا. خواجہ صاحب جي هڪ نثري تصنيف "اسرار رموز نقشبنديہ" ملي ٿي جنهن ۾ نقشبندي طريقي جي خوبين ۽ تصوف جي اسرارن جو بيان ٿيل آهي[43]. ان کان ســـــواءِ خواجہ صاحب جي هڪ ٻي تصنيف "مخمس ڪريما" جي متعلق پڻ ڄاڻ ملي ٿي[44]. خواجہ نظام الدين جي شاعري جو نمونو هن ريت آهي:

مناجات

گنـــاهائيکه مـــن دارم نمي گنجد به تحريري،
اگر عمـــر ابد باشد نمي آيد به تقريري.

—

درختـــان جملگـــي کاغذ، سياهي گر شود دريا،
نيستان کلک گر گرده کجا آيد به تسطيري.

—

ز احـــوال درون خـــود، بسي شرمندگي دارم،
شياطين وش مقيد گشت نفس من به زنجيري.

—

کريم است و رحيم است و غفور و جرم بخش کل،
بجز فضل شکســـته دل نيابد هيچ تعميري.

—

شفيعم هست چون احمد ندارم غم ز عصيانها،
بـــود الطاف او ياور به اين مسکين دلگيري.

—

نظامي غم مخور مي باش بر لا تقنطوا خرم،
برت ايـــن مژده کافي هست از قرآن تفسيري.[45]

مخدوم صالح وزير آبادي:

مخدوم صالح وزير آبادي جي زندگي بابت کو گهٹو احوال دستياب کونهي. هي صاحـــب وزير آباد تعلقہ سکر جو رهاکو هو. نقشبندي طريقي ۾ خواجہ نظام الدين مجددي شکارپوري جو مريد هو ۽ حڪمت ۾ لکي جي ساداتن سان سندس تعلق هو[46]. پنهنجي مرشد

خواجہ نظام الدين جي وفات (1273ھ/1856ع) تي قطعہ تاريخ جو ديوان مرتب ڪيائين جنهن ۾ 79 قطعہ ۽ 1115 بيت آهن [47].

مخدوم صالح وزير آبادي هڪ وڏي عالم، صالح ۽ فاضل شخص هو. پاڻ بہ نقشبندي طريقي ۾ مريد ڪندو هو. ماڻهو سندس وڏو احترام ڪندا هئا [48].

مخدوم صالح جي جنم تاريخ تہ دستياب ناهي، پر سندس وفات جي سن ۾ مولانا دين محمد وفائي کان تذڪره مشاهير سنڌ جي جلد ٻئي ۾ پڻ غلطي ٿي وئي آهي. وفائي مرحوم، مخدوم صالح جي وفات جو سنہ1268ھ/1851ع ڄاڻايو آهي [49]. جڏهن تہ اهو سنہ سراسر غلط آهي ڇاڪاڻ تہ مخدوم صالح سنہ 1273ھ/1856ع ۾ وفات ڪري ويل پنهنجي مرشد خواجہ نظام الدين سرهندي تي قطعہ تاريخ وفات جو ديوان مرتب ڪيو آهي. مولانا وفائي کان درحقيقت سهو ٿيو آهي. وفائي صاحب مخدوم صالح جي وفات تي چيل ميان نورمحمد پيرزاده عبدوي جي قطعہ تاريخ پڻ پيش ڪئي آهي جنهن جي آخري ست "از و گشت راضي خداي غفور" مان سنہ 1286ھ/1869ع جو سنہ برآمد ٿئي ٿو. اسان جي خيال موجب اهو ئي سنہ مخدوم صالح وزير آبادي جي وفات جو درست آهي. قطعہ تاريخ هن ريت آهي [50].

هے واصل حضرت ذوالجلال،
پسنديده مصطفیٰ در حضور.

—

وسيلہ جهان رهبر خاص و عام،
از و فيض حق گشت هر جا ظهور.

—

عـــجب خـاور آفـتـــاب عـلا،
کہ رخشـــان کـنـد سـيـنـہ را زنـــور.

—

چو آهنـــگ تـرحـيـل دنـيـائـے دون،
نموده بحـــكـم خدا، با ســـــرور.

—

زهاتف شنيـــدم صداي بـگـوش،
از و گشت راضـــي خداي غـفـور.
1286ھ

مخدوم صالح وزير آبادي فارسي جو بهترين شاعر هو. هن جو گهڻو ڪلام نعت جي صورت ۾ آهي. مخدوم صاحب سچو پچو عاشق رسولؐ ۽ اصل عالم شخص هو. سندس قابليت سندس فارسي ڪلام مان ظاهر ٿئي ٿي. خاص طور پنهنجي مرشد خواجہ نظام الدين سرهندي مجددي جي وفات تي قطعہ تاريخ جو سندس ديوان ان جي ساڪ پري ٿو.

مخدوم صالح وزير آبادي جي ڪلام جو نمونو هن ريت آهي [51].

نعت

بيـا ساقـي بـگـردان جـام مـي را
جـزاک الله فـي الـداريـن خـيـرا
صـبـا از مـنـزل لـيـلـیٰ بـيـا ور
پئي مجنون شـمـيـم خـاک حي را
سرم مخمور از عشق رسول است

مغني خوش نواكن چنگ نـي را
خداي پاك از فـرط محبـت
گزيده سرور فرخنـده پئـي را
صلاءِ عـام خـدام جنـا بش
نـموده طـ بساط جـود طـے را
بحمد الله كـ نام پاك احمـد
چو شهد و شير شيرين كردنے را
ز عشقش صالح بيخـود نداند
كنون تاب تمـوز رنج وي را.

محمد عارف "صنعت"

محمد عارف تخلص "صنعت"، محمد امين اعواڻ جي گهر شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس ولادت جي پڪي پختي تاريخ نه ٿي ملي. البت پروفيسر لطف الله بدوي شڪ جي بنياد تي عارف "صنعت" جي جنم تاريخ 1215/16ھ/1800ع ڄاڻائي آهي [52].

محمد عارف "صنعت" جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪا خاص ڄاڻ نٿي ملي البته ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هو علامہ اويس محمد "اويس" جو شاگرد هو. علامہ اويس پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ فارسي جو اعلیٰ شاعر ٿي گذريو آهي [53]. عارف ابتدائي تعليم نه رڳو علامہ اويس وٽان پرائي پر شاعري جو شوق به ڪيس ان عارف، فاضل جي صحبت مان ئي جاڳيو. ٿوري عرصي ۾ محمد عارف "صنعت" تحصيل ڪرڻ ڪان پوءِ انهي مدرسي ۾ درس ڏيڻ لڳو. پر علامہ اويس جي وفات بعد درس تدريس جو پيشو ترڪ ڪري ڇڏيائين [54].

علامہ اويس جي وفات بعد درس تدريس جي پيشي کان فارغ

ٽيل محمد عارف پنهنجي آبائي "درزڪو" ڏنڏو اختيار ڪيو[55]. اهڙو اظهار هو پنهنجي فارسي شعر ۾ پڻ ڪري ٿو:

در آ اي داروي آرام "درزي"،
دوان در دم دواي روح را آر.[56]

ڪجهه ڏينهن ۾ ئي ان ڪم ۾ مهارت حاصل ڪيائين ۽ پوءِ باقاعده خيما دوزي جي ڪرت اختيار ڪيائين ۽ ساري عمر انهي ڪرت سان سلهاڙيل رهيو. سواءِ آخري ڪجهه سالن جي، جن ۾ عارف "صنعت" زماني جي گردشن جي سبب گوشه نشين رهيو ۽ ان گوشه نشيني ۾ ئي 1266ھ/1849ع ۾ وفات ڪيائين[57].

محمد عارف "صنعت" کي ٻه فرزند هئا. هڪ: محمد امين ۽ ٻيو: عبدالخالق. هي ٻئي صاحب پڙ علم دوست ۽ ادب پرور هئا. ابتدا ۾ محمد امين پنهنجي والد جي ڪلام جي سهيڙ شروع ڪئي، پر عين جواني ۾ سنه 18 ذوالقعد 1278ھ/1861ع تي وفات ڪيائين. جنهن کان پوءِ "صنعت" جي ٻئي فرزند عبدالخالق پنهنجي استاد شيخ عبدالمجيد وڪيل جي ڪوششن سان پنهنجي والد جو ڪلام کي گڏ ڪري "ديوان صنعت" جي عنوان سان ڇاپي هيٺ آندو[58].

محمد عارف "صنعت" فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.ابتدا ۾ ملان اويس کان متاثر ٿي شعر جو شغل اختيار ڪيائين پر ملان اويس جي وفات بعد اهو شغل ترڪ ڪيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ وري سنڌي ۽ فارسي جي هڪ وڏي شاعر صاحبڏنو "صاحب" جي ڪلام کان متاثر ٿيڻ بعد عارف شعر جو شغل ٻيهر اختيار ڪيو ۽ "صاحب" کان شاعري جي سکيا پڙ ورتائين ۽ هڪ بهترين شاعر بڻجي ويو. "صاحب" سندس شاعراڻي اهميت کي تسليم ڪندي چيو:

به شعر "صنعت" "صاحب" اگر تو دم بزني،
به خلق ياد دهي معجزه مسيحـــارا. (59)

عارف پنهنجي استاد جي فضيلت ۽ علميت جو اعتراف ڪندي چئي ٿو:

بودي اگر نه صحبت "صاحب" چون آئينه،
"صنعت" مثال طوطي شكر زبان نبـــود.

—

به شعر "صاحب" "صنعت" چه جاي دم زدني است،
كجا اســـت حـــاجت مشـــاطه روي زيبـارا. (60)

عارف "صنعت" شروعات ۾ "عارف" ئي تخلص ڪندو هو. پر پوءِ خيما دوزي جي ڪرت سبب "صنعت" تخلص اختيار ڪيائين (61). صنعت نه رڳو فارسي ۾ اعليٰ ڪلام چيو پر هن سنڌيءَ ۾ شيخ سعدي شيرازي جي مثنوي "ڪريما" جو منظوم ترجمو پڻ ڪيو. هن کان پهرئين "عبدالرؤف" نالي هڪ شاعر سنہ 1178ھ/1764ع ۾ "ڪريما" جو ترجمو ڪري چڪو هو (62). پروفيسر لطف الله بدوي "ڪريما" جي ترجمي متعلق لکي ٿو:

"عارف" "صنعت" جو ڪيل ترجمو اسان کي ميسر ٿئي ٿـــو ترجمو نهايت سليس ۽ سادگي پريو آهي. ڪوشش ڪئـــي اتـــس ته جيئن اصل مثنوي جو ڪوبه نڪتو رهجي نه وڃي، هي شايـــد سنڌي شعر ۾ پهرين مثنوي آهي، جا مڪمل طرح دستيـــاب ٿي آهي" (63).

عارف جو ترجمو اصل جي نهايت قريب محسوس ٿئي ٿو مثال

طور:

شيخ سعدي: دلا گر تواضع كني اختيار،
شو در خلق دنيا ترا دوستدار.

—

صنعت: تواضع كرين دل جي تون اختيار،
ٿئي خلق جگ، سندء دوستدار. (64)

عارف "صنعت" جا ان كان سواءِ سنڌي بيت پڙ مليا آهن، جن مان سندس سنڌي شاعري تي بہ دسترس ڏسجي ٿي. پر تنهن هوندي بہ "صنعت" فارسي جو وڏو شاعر آهي. سندس سجاڻپ پڙ فارسي گو شاعر جي آهي. سندس فارسي ديوان جيكو ابتدا ۾ سندس فرزندن ترتيب ڏئي شايع كرايو هو پر ويجهي دور ۾ پروفيسر لطف الله بدوي صنعت جو مكمل ديوان "ديوان صنعت" جي سري هيٺ مرتب كري مٽس سير حاصل مقدمو فارسي زبان ۾ لكي سنڌي ادبي بورڊ جامشوري پاران سنہ1968ع ۾ شايع كرايو. اسان پڙ هت "صنعت" جي كلام جي مطالعي دوران مذكوره ديوان كي سامهون ركنداسين.

عارف صنعت جي جيتوڻيڪ كا بہ نثري تصنيف تہ حاصل نہ ٿي آهي پر هن جا كجهہ خط هٿ آيا آهن، جن مان سندس انشاءِ نويسي تي مكمل عبور ڏسجي ٿو. پروفيسر بدوي سندس انشاءِ نويسي جي حوالي سان لكي ٿو:

"صنعت پنهنجي خطن ۾ قديم ۽ جديد طرز انشاءِ اختيار كيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاعر انشاءَ جي فن تي عبور ركندو هو. ان جي تحرير جي حاصل شده نتيجي مان "صنعت" كي صاحب نثر چوڻ بہ غلط نہ ٿيندو" (65).

عارف "صنعت" پنهنجي فارسي كلام ۾ غزل، قصيدو ۽

مثنوي چئي آهي. هن جو بنيادي موضوع حسن و عشق آهي. هن جا خيال نازڪ ۽ نفاست سان پريل آهن. هن جي ڪلام ۾ فصاحت، بلاغت، رواني ۽ خوبصورتي موجود آهي. "صنعت" پنهنجو هڪ قصيدو حضرت ﷺ جي شان ۾ چيو آهي. جيڪو بلاشبہ فصاحت، بلاغت، زيبائش ۽ خيال ۾ ڪو معمولي قصيدو نہ آهي. ڪائنات جي ستن رنگن جي مشابهت ۾ "صنعت" قصيدي جي بندن کي سفيد، سرخ، زرد، سبز، قبود، بنفشي ۽ سياهہ جي رديفن سان ڳنڍيو آهي، ان ڪري هن قصيدي جو عنوان ئي "قصيده هفت رنگ" مناسب ٿئي ٿو [66].

"قصيده هفت رنگ" شاعر "صنعت" حضور ﷺ جن سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت مان چيو آهي، جيڪو ڪمال شاعرانہ خوبين سان پرپور آهي. هنن بندن ۾ شاعر سج اپرڻ جي اعلیٰ درجي جي منظر ڪشي ڪئي آهي.

آخت چون شمشير زرين، خسرو خاور سفيد،
بہ زمين سلطان انجم، را فتاد افسر سفيد.

—

شد نگون اعلام رنگ از رايت داراي روم،
تاخت فغفور چين برهند بالشكر سفيد.

—

چون سفيد فيل بازرين عماري شد پديد،
مادهء فيل سيه بگريخت زين پيگر سفيد.

—

جامهء كحلي قضا بنهاد در صندوق غرب،
بر سر خاتون دهر انداخت چادر سفيد.

—

طاسک سُيمين مه بي آب شد در انجمـــــن،
بر سر خم سيه جا کرد چون ساغر سفيـــــــد.
(ص 2-181)

عارف "صنعت" جي غزل جو موضوع حسن و عشق آهي. حقيقت ۾ هو آهي ئي غزل ۾ عشق جو شاعر. هن جا فارسي غزل عشق و محبت، پيار ۾ پريت، رنج و غم، محبوب جي ناز و ادا حُسن ۾ حُسن جي تجلين جو آئينو آهي. پنهنجي هڪ غزل ۾ هجر جو بيان ڪندي چئي ٿو:

"صنعت" ز غم هجر گل اندام سمنبر،
مانند دل بلبل سرکرد فغـــــان را.
(ص 10)

هڪ ٻئي غزل جي مقطع ۾ ڪجهه هن طرح چئي ٿو:

ز دام افتاده نخچيـــر"صنعت"
فراموشي شده صيـــــاد مـــــار را.
(ص 13)

"صنعت" جي غزل ۾ محبوب جي وصال جو به عجيب بيان آهي. عشق جي تقاضا اها آهي ته خود کي مٽائي يار جي حُسن و ادا جو بيان ڪجي. "صنعت" به عاشق جي اهڙي ڪيفيت جو بيان ڪري ٿو:

ز وضع شوخيء "صنعت" ادب را خنده مي آيد،
که گستاخانه مي بوسد نقـــــوش پاي زارش را.
(ص 20)

—

عاشقان را در تبسم جان مي بخشند لبش،
هست "صنعت" خندهِ گل جان فزاي عندليب.
(ص 30)

"صنعت" جمالياتي حُسن رکندڙ هڪ حساس شاعر هو. هن عشق جي راهه تي هلندي جيڪي ڪجهه ڏٺو اهو هو پنهنجي هن غزل ۾ ڪجهه هن ريت بيان ڪري ٿو:

چون غنچه سر ببال خود آورد بلبلم،
زيرا که گل ندارد پرواي نالهِ را،
"صنعت" نمود دعوي عشقت که در ازل،
بر نام او نوشت قضا اين قبالهِ را.
(ص 9)

"صنعت" پنهنجي دور جي صوفياڻي ماحول کان به متاثر ٿيو. هن جي ڪلام ۾ به ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙا خيال ملن ٿا. هو دنيا جي بي ثباتي جو ذڪر ڪندي چئي ٿو ته هي دنيا آخر ختم ٿيڻي آهي. هت هر شيءَ کي فنا آهي، تنهن ڪري رهبر يا مرشد جي ڏسيل سڌي واٽ تي پختي ارادي سان هلڻ وارو ئي پنهنجي اصل منزل تي پهچي سگهي ٿو:

وفا نماند جفا همچنين نخواهد مانند،
که نيست بوي بقائي در اين سراي سپنج.
(ص 48)

مرشد جو ذڪر ڪندي "صنعت" چئي ٿو انسان کي ملندڙ هن حياتي ۾ ئي ان جو اصل مقصد سمايل آهي مقصد ته انسان هن دنيا ۾ رهي پنهنجو پاڻ سڃاڻي "حق" کي راضي ڪري خود کي فنا ڪري بقا حاصل ڪري؛ پر ان واٽ تي جيڪڏهن مرشد جي رهنمائي حاصل

هوندي ته پوءِ ئي سالڪ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي سگهندو. "صنعت" چئي ٿو:

گنجي است بيقياس بويرانهء دلـــــت،
رو راهبر طلب كه شود رهنماي گنج.
(ص 52)

سالڪ لاءِ مرشد جو احترام واجب آهي. چئي ٿو:

بهر اعجاز روان بخشي و عـــلم احياء،
پورِ مريم بودش طفل به مكتـــب يا رب!
(ص 31)

محمد عارف "صنعت" پنهنجي وقت جو وڏو وقت شناس شاعر هو. هن جو دور سنڌ جي سياسي حالتن جو بدلجندڙ ۽ بگڙجندڙ دور هو. پنهنجي دور ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي آمد واري وقت جي فتنہ انگيز حالتن ڏانهن اشارو ڪندي چئي ٿو:

گلبن ما آب از تيغ شهادت خورده اســت،
بس كه بوي خون مي آيد ز هر برگ گلم.
از فرنگستان چشمت فوج فوج غمزه ات،
تاخت چون جيش فرنگي برد بار كابلـــم.
(ص 122)

عارف "صنعت" شاعري جي فن کان بخوبي واقف هو. هن جو ڪلام جتي اعليٰ فصاحت، سلاست، رواني ۽ دلڪشي سان تمٽار آهي. اتي هن جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي ادبي خوبيون پڻ ڏسجن ٿيون.

هنن ستن ۾ "صنعت" "طرد و عكس" جو استعمال خوب ڪيو آهي.

چهره ات اي دلربا مطلع نـــــورِ خـــــدا،
مـطـلـع نـورِ خـدا چـهـــــره ات اي دلـربـا.

—

گل به چمن خوشنما، نيست بـه رنـگ رخت،
نيست به رنگ رخت، گل به چمن خوشنمـا.

—

بلبل داستـان سرا، "صنعت" در شوق تـــو،
"صنعت" در شوق تو، بـلـبـل داستـان ســـرا.
(ص 24-25)

"صنعت" پنهنجي هڪ غزل ۾ هر لفظ ٽن اکرن وارو استعمال ڪيو آهي. مثال طور:

هست لـبـش لـعـل، سـخـن قـنـدِ مصـر،
گشت بـقـد نـخـل، ببـر صـبـح صـفـا.

—

نـيـک سـيـر شعـلـه نـيـر شـمـع جلـي،
هست مـهـي مـهـر صـنـعـت عـيـن ضـيـا.
(ص 26)

"صنعت" جي ڪلام جي هڪ وڏي ادبي خوبي اها به آهي ته هنن سٽن ۾ بنا نقطن وارا لفظ استعمال ڪيا اٿس.

دردا کـه کـرد حـاصـل دل دهـر درد هـا،
سـم هـلاهـل آمـد در کـــام دل هـوا.

—

راح طهور کو که در اول دم مرا،
دارد مدام محرم اسرار ماسوا.

—

"صنعت" مدار وهم که دا دار دادگر،
همواره کرد هر همه را کارها روا.
(ص 22)

محمد عارف "صنعت" پنهنجي وقت جو فارسي زبان جو اعلیٰ پايي جو شاعر هو. هن جي غزل ۾ ضائع ۽ بدائع جو به خوب استعمال آهي. سندس شاعراڻي حيثيت کان، سندس دور جا شاعر ۽ اديب نه رڳو واقف هئا. بلڪ ان جي اعتراف ۾ ايران جي مشهور فارسي شاعر شيخ سعدي شيرازي سان کيس تشبيهه ڏينـدي "سعدي وقت" پڻ سڏيندا هئا.

محمد عارف "صنعت" جو هڪ مڪمل فارسي غزل سندس ڪلام جي نموني طور درج ڪجي ٿو:

دهانم چون بتکرار دعایش در خطاب آید،
زبان تیغ دشنامش به تیزي در جواب آید.

—

دمي که آن لعل میگونش چو قلقل از شراب آید،
به چشم بلبل نظاره هر گل آفتاب آید.

—

به دریا چون شعاع شعلهٔ حسنش شود روشن،
پري از جلوهٔ عکسش بشیشه هر حباب آید.

—

ز خورشید است بالا گرمي بازار حسنش را،
در این سودا مه کنعان کجا اندر حساب آید.

—

در ايي ظلمتكده طالع سكندر ما كجا داريم،
كز آب زندگي لعلش چو خضر كامياب آيد.

—

اگر امشب عزيزي ميكند افسانه يوسف،
كجا ديدهِ يعقوب ما را بي تو خواب آيد.

—

به هجرانش اگر برهم زنم مژگان تر خود را،
فلک را خند اي بر گريه چشم سحاب آيد.

—

نمي سازد بسوز من خوي عصمت سرشت او.
ملک را ننگ از آميزش مست خراب آيد.

—

نمي سازد بسوز من دل سنگين او "صنعت"،
اگر از دود آه دل به مغزش بو كباب آيد.
(ص 65)

حكيم حبيب الله بكري

حبيب الله بن خواجه ابراهيم بكري جي زندگي متعلق كا خاص چاڻ نٿي ملي. مولانا دين محمد وفائي سندس متعلق لكيو آهي:

"حكيم حبيب الله بكري. حضرت محمد بكري جو شاگرد هو جيكو حكيم عبدالكريم رضوي بكري جو شاگرد هو ۽ اهو سيد حكيم عبدالفتاح نمكين دهلوي جو شاگرد هو. حبيب الله، پير راشد روضي ڏٽي جو مريد ۽ خليفو هو. سندس

دستخط شرح مثنوي مولانا روم جو نظر مان گذريو جنهن کي 22 جمادي الثاني سنہ 1218ھ/ 1803ع تي لکي پورو ڪيائين. سندس هڪ ٻئي دستخط "دافع الامراض" جي پڇاڙي تي 9 ذي الحج سنہ 1221ھ/1806ع لکيل آهي"[67].

مولانا وفائي جي ان بيان موجب تہ حبيب الله بکري جو سنہ 1221ھ/1806ع ۾ هڪ دستخط نسخو سندن نظر مان نکتو آهي. جنهن مان ثابت آهي تہ حڪيم حبيب الله بکري سنہ 1221ھ کان پوءِ رحلت ڪئي هوندي. ان حوالي سان هو سچل سرمست جي معاصرين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

حڪيم حبيب الله پنهنجي دور جو هڪ بهترين شاعر ۽ مصنف هو. سندس تصنيفات مان 1. رسالہ در نبض 2. دلائل البول (اهي ٻئي رسالا منظوم آهن) 3. دافع الامراض و شفاءِ الاعواض 4. شجره منظومہ مشائخان قادريہ 5. رسالہ در علم. مان تصوف جي ڄاڻ ملي ٿي[68].

حڪيم حبيب الله بکري جي شاعري جو نمونو هٿ نہ اچي سگهيو آهي.

جان لله شاھ "عاشق"

روهڙي جي رضوي ساداتن مان جانشاهي خاندان، روحانيت، علم ۽ شاعري جي حوالي سان ممتاز حيثيت رکي ٿو. انهيءَ خاندان جي وڏي ميرجان الله شاهہ 'اول' جو پوٽو ۽ ميرمنور شاهہ جو فرزند ميرجان الله شاهہ "عاشق" فارسي زبان جو بهترين شاعر ٿي گذريو آهي[69].

جان الله شاهہ "اول" روهڙي شهر جي "جانشاهي" خاندان جو جد امجد هو ۽ پنهنجي وقت جو هو وڏو عالم، متشرع، زاهد، عابد،

خوشخط، فارسي ٻولي جو باڪمال شاعر ۽ شاهه عنايت شهيد جو وڏو خليفو ۽ طالب هو[70]. مير جان الله شاهه اول جي وفات (5 ربيع الاول 1167ھ/1753ع) کان پوءِ سندس فرزند مير قلندر شاهه گادي تي ويٺو. هي صاحب به فنا في الله جي درجي تي پهتل ۽ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو باڪمال شاعر هو. سندس رحلت (17 جمادي الثاني 1187ھ/5سيپٽيمبر1773ع) کان پوءِ سندس ٻاءُ مير منور علي شاهه گادي تي ويٺو. هي به فقير شخصيت جو مالڪ ۽ عارف هيو. ڪيس چه فرزند هئا، سيد جان الله شاهه "عاشق" سندس چوٽون نمبر فرزند هيو. مير منور علي شاهه 25 رجب المرجب 1199ھ/29 مئي1785ع تي وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس فرزند سيد فتح علي شاهه سجاده نشين بڻيو. پر روحاني امانت سندس ننڍي ٻاءُ سيد جان الله شاهه "عاشق" وٽ هئي[71].

مير جان الله شاهه ثاني پنهنجي ڏاڏي جان الله شاهه اول وارو روحاني فيض سيد عبد الوهاب شاهه کان واپس حاصل ڪيو. فيض حاصل ڪرڻ وارو واقعو تذڪره جانشاهي جي مصنف تفصيل سان بيان ڪيو آهي:

سيد عبد الوهاب شاهه مرشد جي وصيت ۽ حڪم موجب سندس امانت روحاني فيض سيد جان الله شاهه ثاني جي سپرد ڪيو ۽ پنهنجي نياڻي جو سگ پٽ سندس فرزند سيد جمن شاهه ثاني کي ڏنائين. جنهن جو فرزند سيد علي اڪبر شاهه اول پوءِ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جي گادي تي ويٺو[72].

سيد جان الله شاهه ثاني، سيد عبد الوهاب کان پنهنجي وڏن جي امانت ٻيهر حاصل ڪري روحانيت جي وڏي درجي تي پهتو. سندس ڪيترائي مريد پڻ هئا. خراسان جو بادشاهه شاهه شجاع الملڪ به سندس

مريد هو.

حق ۽ سچ جو هي پانڌيئڙو 6 ربيع الاول سنہ 1255ھ/25 مئي 1839ع تي وفات ڪئي[73]. فقير قادر بخش بيدل سندس قطعہ تاريخ وفات چئي آهي جيڪا هت پيش ڪيون ٿا[74].

تاريخ وصال جناب سيد السادات، پير طريقت صوفيان مير جان الله.

جناب شاه جان الله صوفي،
مڪمل مرشد و پير طريقت.

—

پئي سال وصالش هاتفي گفت،
ولي تاجور اقليم وحدت.

(1255 ھ)

سيد جان الله شاه ثاني پنهنجي خاندان جي وڏن شاعرن سيد مير جان الله شاه رضوي اول ۽ سيد مير قلندر شاه رضوي وانگر هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جو وڏو شاعر پڻ هو. فارسي ۾ سندس تخلص "عاشق" هيس. فارسي زبان جو سندس ديوان "ديوان عاشق" جي نالي سان گڏ ٿيل آهي.

ميمڻ عبد المجيد سنڌي لکي ٿو ته:

"هي فارسي جو صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آهي. وڏو فياض هو. جيڪو به وٽس آيو، سو روحاني توڙي دنيوي فيض سان مستفيض ٿي ويو"[75].

جان الله شاهہ عاشق جو سنڌي سرائڪي ڪلام سان گڏ سندس فارسي زبان ۾ "ديوان عاشق" پڻ گڏ ٿيل آهي سندس سموري ڪلام ۾

عشق جا مضمون جابجا ٽڙيل پکڙيل آهن.

از کوي يار مفتون رفتم نه رفته بودم،
با دل فگار محزون رفتم نه رفته بودم.
جام شراب خوردم درعشق گوي بردم،
سرشار يار گگون رفتم نه رفته بودم.
در مجلس عشاقان "عاشق" ز جام رندان،
مست و خمار مشحون رفتم نه رفته بودم.

ان سان گڏوگڏ سندس ڪلام تي تصوف جو رنگ به غالب آهي هن پنهنجي ڪلام ۾ وحدت، ڪثرت، پاڻ سڃاڻڻ، عشق، نفي، اثبات، حال، قال، فناءِ بقا جا مضمون ڏاڍي دلڪش انداز ۾ بيان ڪيا آهن.

جان الله شاهه "عاشق" جي فارسي ڪلام جي نموني خاطر سندس غزل پيش ڪجي ٿو.

غزل (فارسي)

سخني به يار جانان گفتم نه گفته بودم،
حال دل پريشـــــان گفتم نه گفته بودم.

—

الفت چه يار کـــــــــرده دلرا به غمزه برده،
رمزي زچشم افشـان گفتم نه گفته بودم.

—

در محفلش رسيـــدم خود بيخودي بريدم،
خبرهم درخشـــــان گفتم نه گفته بودم.

—

پیرم چو ذکر داده ســـــــــر بر فلک نهاده،
این شان شاه شاهان گفتـــــم نه گفته بودم.

—

در جهد پا درد آمـــــد جوشي ز دل بر آمد،
پیمود دل بیابان گفتـــــــم نه گفته بودم.

—

شید اي کوي جانان در دست جام مستان،
مشرب شراب خواران گفتـم نه گفته بودم.

—

عاشق خواص گشته غیر از دلش نبسته،
این موج بحر عرفان گفتـم نه گفته بودم. (76)

میر مبارک خان ٹالپر:

میر مبارک خان، میر سهراب خان جو ٽیون نمبر فرزند هو. میر سهراب جي وصیت موجب میر رستم ۽ میر علي مراد خان سان گڏ هن کي به ملکیت مان حصو ملیو. ان وصیت موجب میر علي مراد پنهنجي پاڻ میر مبارک جي سنیال هیٺ رهیو. پر جڏهن وڏو ٽیو ته ملکیت تان ساڻس ۽ سندس پٽن سان تکرار کیائین(77) اهوئي تکرار اڳتي هلي میرن جي زوال جو سبب بڻیو.

میر مبارک خان حکومت جي طرفان جنگي مهم ۾ به شریک رهیو. کرڙي واري جنگ ۾ پڻ شامل هو. کیس پنج پٽ هئا میر نصیر خان، میر محمـــد خان، میر فضل محمد خان، میر علي محمد خان ۽ میر ولي محمد خان (78).

میر مبارک جي جنم جي تاریخ هٿ نٿي اچي. البت سندس

وفات سنہ1252ھ/1839ع ۾ ٿي.[79]

ميرمبارڪ خان وڏو اهل ذوق، علم پرور، ۽ فصيح ۽ بليغ شاعر هو. پنهنجي وقت جي شاعرن ۽ عالمن سان روح رهاڻيون ڪندو هو. سچل سرمست جي طالب فقير محمد صُلاح سان خاص عقيدت هوندي هيس ۽ ڪيس جاگير جو هڪ پروانو پڻ ڏنو هئائين، جنهن تي سندس مهر لڳل آهي.[80]

ميرصاحب جي ادب پروري جي هاڪ ٻڌي ميرڪرم علي خان حيدرآبادي جو درباري شاعر آخوند محمد حيات "حاتم" هن جي دربار ۾ آيو ۽ هميشہ لاءِ اتي رهي پيو[81]. ان دور جي هڪ مشهور شاعر "عشقباز" کين دعا ڪندي چيو هو:

مبارک خان امير ذوالکريم اســـت،
مدائم بر سرش راحم رحيـم است،
خدا دادش بـلـنـد اقـبـال ميـمـون،
بود عمرش فزون بخشش هـمـايـون،
مبارک خان ترا شامل قوي بحـــث،
عدويت زين سبب زير زميـن خفت،
مبارک خان بده عيدي تـــو زودي،
شـود تـخـت قـوي اوج مـزيـــدي. (82)

ميرمبارڪ خان تالپرجي ڪلام جو نمونو هن ريت آهي:

غزل

از درد دلارام روان اشـک چـــــو زالـ،
و ز خون جـگـر جـان بصـد داغ چـــو لالـ.

—

کي سرو بقامت صنما همســـري آرد،
و ز چشم تو شرمنده شده آهوئي غـــزالـ.

—

اي حسن تو چون يوسف مشهور بـ عـــالـم،
اين خط بـ رخت گرد، کـ چون ماه بـ هالا.

—

اي دوست چرا در بـر مشتـــاق نيـــائي،
کي گنجـد ما بيـن تـو مـن حـــرف دلالـ.

—

از درد فراق تـــو شکـايت بـ کـ گويـم،
و از جـور کنـم هـر دم فـريـــاد بـ نـالـ.

—

بـاشـــد کـ بـر آري ز رخـــت پـرده دلا را،
ايـن اسـت غـذا ديـدن دلـــدار نـوالـ.

—

گردن چمن آئي ز شبستان قـــدم کش،
از پـرده بـرون افـتـد صـد گـل ز کـلالـ.

—

صد شکر مبارک کـ شهـي خـــالـق رزاق،
بـر شـاه نـجـف قسـمت تـو کـرد حـوالـ. (83)

سيد علي اکبر شاه (اول)

سيد علي اکبـر شاه (اول) ولد سيـد جمـن شاه پنهنجي ڏاڏي

سيد جان الله شاه "عاشق" جي رحلت (1255ھ/1839ع) کان پوءِ درگاھ جان الله شاھ (اول) جو مسند نشين ٿيو[84]. سيد علي اڪبر شاھ، سيد عبدالوھاب شاھ پاڪٻاڙي واري جو ڏوھتو ھو.

سيد علي اڪبر شاھ. فقير قادر بخش بيدل جو همعصر ۽ عالم فاضل شخص ھو. ھن ۾ شاديون ڪيون جن مان ڪيس ست فرزند ۽ ھڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. جنهن مان سندس پهريان ۾ وڏا فرزند صغيرسني ۾ وفات ڪري ويا تنهن ڪري سيد علي اڪبر شاھ جو ٽيون نمبر فرزند سيد جان الله شاھ ثالث ڪانئس پوءِ مسند نشين ٿيو.

سيد علي اڪبر شاھ اول جي جنڊ جي تاريخ جي خبر نه ٿي پوي البته سندس وفات سنه1270ھ/54-1853ع ٿي[85]. سندس وفات تي فقير قادر بخش بيدل قطعه تاريخ وفات چئي، جيڪا ھت پيش ڪجي ٿي[86]

چون علي اكبر شه والا گهر صوفي — و رضوي نجيب ونامور
صاحب سجاده سلک قادري شجره — حسنين را نيكو ثمر
ره برون جسته زقالب عنصري — درهواي لامكان بكشاد پر
تافت برديوار نور از آفتاب — باز قرص آفتابش شد مقر

گفت تاريخ وصالش هاتفي
قدولق عندالمليک المقتدر
1270ھ

سيد علي اڪبر شاھ اول جي شاعر هجڻ بابت تذڪره جانشاهي جو مصنف لکي ٿو:

"سيد علي اڪبر شاھ جو ڪو به ڪلام ملي نه
سگهيو آهي جنهن مان خبر پئجي سگهي ته پاڻ

شاعر بہ هــو البتہ پاڻ جيئن تہ هڪ روحاني ۽ علمي خاندان جا چشم چراغ هئا ۽ سندس وارث هئا. تنهن ڪري پاڻ بہ پنهنجي وقت جا وڏا صوفي ۽ قادري سلسلي جا صاحب سجاده هئا"[87].

"تذڪره جانشاهي" جي مصنف ڪي سيد علي اڪبر شاه اول جو ڪو ڪلام هٿ نہ اچي سگهيو آهي. پر اسان ڪي فارسي جي هڪ قلمي بياض ۾ سيد علي اڪبر شاه اول جي نالي هڪ فارسي غزل ۽ قطعو نظر مان گذريو آهي[88]. جنهن تي تصوف جو گهرو اثر موجود آهي. هت اهو غزل ۽ قطعو سيد علي اڪبر شاه جي شاعري جي نموني طور پيش ڪجي ٿو.

غزل

ســـر بزانوي تفڪر شـــدم از زارئـــي دل،
سرنگون ساخت مرا آه نگـــو نســـارئي دل.

—

هر نفس ز آتش فرقت دل و جانم تپ است،
سينہ ام خورده چہ گلهـــاز شـــرا بـــارئي دل.

—

سوئي افلاک ديـــود آخـــر از شرم مسيح،
چون نـــدانســـت دوا دافـــع بـــيمـــارئي دل.

—

حيف صد حيف ڪہ عمرم بهواي تو گذشت،
مگر حرفي ننـوشتي پسي غمخوارئي دل.

—

بلبـلان از چشـــم آه و فـغا نها برداشت.
روئي گلها شده خون رنـگ ز خونخوارئي دل.

—

روز و شب محو تقاضائي لقائي تو شدم.
حســرتا هيچ نـشد فكر پـر ستـارئي دل.

قطعو

انـــا الشيعـــة و لكـــن لا ابـــري،
مـــن خلفـــاء هـــم سرج الـهـدايـة،
انـــا السني ولكـــن قـائـل الـفـضـل،
بقـــامع خيبـــر و الي الولايـــة.

مير زنگي خان تالپر:

مير زنگي خان ولد مير چاكر خان تالپر، سهراڻي سركار جي پهرئين حڪمران مير سهراب خان جو ننڍو پاءُ هو. مير زنگي خان سياسي بصيرت رکندڙ نالي وارو مدبر ۽ امير هو. ڪيس حڪومت جي پيچيدگين جي به خوب سمجهه هئي. ڪڏهن ڪڏهن سفارت جا فرائض به سرانجام ڏنائين. فوجي مهارت به حاصل هوندي هئس، جنگي معاملن ۾ سندس مشوري جي وڏي اهميت هئي. حاضر جوابي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو[89].

مير زنگي خان انگريز دور ۾ پنهنجي پائٽي مير علي مراد جو پاسو کنيو ۽ جڏهن مير علي مراد خان رياست خيرپور جو والي ٻڌيو تہ هي هُن جو مصاحب ٿي رهيو[90]. سنہ1852ع ۾ جڏهن انگريز سرڪار طرفان مير علي مراد خان جي برخلاف ڪميشن ويٺي تہ مير زنگي خان،

ميرعلي مراد خان جي حق ۾ شاهدي ڏنائين[91].

ميرزنگي پنهنجي وقت جي عارف ڪامل پير راشد روضي ڌڻي جو وڏو معتقد هو. سندس خدمت ۾ نذرانا پيش ڪندو رهندو هو. پير صاحب سندس دعوتن تي وٽس ايندو به هو[92].

ميرزنگي خان ٽالپر جي جنم توڙي وفات جا سن نه ٿا ملن البته هو انگريزن جو سنڌ تي قبضي (1843ع) وقت ڇڳي خاصي عمر جو هو جيئن مسٽر فاربس Mr. Forbes ڪمپني حڪومت جي سيڪريٽري ڄاڻهن موڪليل پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ميرزنگي کي ستر سالن جو سڏيو آهي[93]. البته هن وڏي ڄمار ۾ ميرعلي مراد جي دور ۾ ئي وفات ڪئي آهي.

ميرزنگي خان ٽالپر فارسي جو قادر الڪلام شاعر هو ۽ پنهنجي وقت جي شاعرن جي سرپرستي پڻ ڪندو هو سندس بزم ۾ ڪيترائي شاعر موجود رهندا هئا. هڪ پيري قاضي محمد ڪامل لقماني سندس شان ۾ هڪ قصيدو چيو ته ان کي روپن سنجن سان گهوڙو انعام طور ڏنائين[94].

ان قصيدي جا ڪجهه شعر هن ريت آهن:

ڪشود لب نه صفات امير زنگي خان،
ڪه باد بخت بلندش هميشه دولت يار.

—

نه گوهر و صفش شدم به بحر سخن،
ڪه آوردم در معنیٰ ز مخزن گفتار.

—

همیشه جاو جلالش بود فزون به فزون،
مدام حلقه بگوش درش فلک دوار.[95]

ميرزنگي خان جو ڪلام افسوس جو هن وقت ناپيد آهي، فقط سندس ڪجهه شعر چاپي هيٺ آيا آهن جيڪي هت پيش ڪجن ٿا:

شاه بيت بيت ربي انتخاب ام الكتـــاب،
مطلع ديوان احمد حسن مطلع بوتراب.

—

پرسيدن شكستـه دلان اهل جـاه را،
نقصان عز نيست كمال سعادت است.

—

بادشاهان و فقيران دوگروهي عجب اند،
كه نبودند و نباشند بفرمان كســـــي.[96]

محمد علي "طالب" بكري

محمد علي ولد محمد پناه بكر جو رهاڪو هو. "طالب" تخلص ڪندو هو. سلوڪ جي راه ۾ خواجه نظام الدين مجددي سرهندي شكارپوري جو مريد هو. سندس گهاٽي دوستي موءِ مبارڪ جي مجاور ميان رحمت الله سان هوندي هئس ۽ وٽس ايندو به هو[97].

محمد علي طالب بكري جي زندگي بابت هن كان وڌيڪ احوال نٿو ملي ۽ پڻ سندس جنم ۽ وفات جا سنه نٿا ملن، البته سندس زندگي جي ملندڙ مختصر احوال ۾ چتو آهـــي ته خواجه نظـــام الدين سرهنـــدي شكارپوري جو مريد هو. جيئن ته خواجه صاحب 1273ھ/ 1856ع ۾ وفات ڪيائين[98]. هن مان ثابت ٿئي ٿو ته محمد علي بكري، خواجه صاحب جو مريد جواني جي دور ۾ ٿيو هوندو يا اڃان به ڪجهه پوءِ ان صورت ۾ محمد علي بكري، خواجه نظام الدين جي وفات كان پوءِ هن جهان ڇڏيو هوندو. يعني هن بزرگ 13 صدي هجري ۾ وفات

ڪئي آهي. تنهن ڪري اسان کيس سچل سرمست جو ننڍو همعصر چئي سگهون ٿا.

محمد علي طالب بکري فارسي جو عمدو شاعر هو. فارسي ۾ سندس هڪ تصنيف "ظهورنامہ" جي جاڙ ملي ٿي. جنهن ۾ هن روهڙي جي وار مبارڪ جي ظهور جو منظوم بيان آندو آهي [99]. چار سؤ چائتاليهہ شعرن تي مشتمل هي رسالو محمد علي بکري پنهنجي دوست ميان رحمت الله، مجاور وَار مبارڪ واري جي چوڻ تي سنہ 25 رمضان المبارڪ 1272ھ/1855ع ۾ لکي مڪمل ڪيو [100]. رسالي جي اختتام متعلق چئي ٿو:

سال وي از هـــاتف کردم سوال،
بهر چنين نـامئہ فرخده خـــال،
از مدد او قـلم اينجا نوشـــت،
وه چہ بـود قصر نيکو سرشـــت،
بود ز هجرت بحساب و شمـــار،
سال بہ هفتـا دو صد با هـــزار،
بـــاز دو سـال از بران فـــزود،
خاتمـــہ نسخہ درين سن بہ بـود،
از رمضـان جملہ آخـــر بـــدان،
روز از وبيست و پنجم عيـــان،
وقت ضحیٰ جلوه از آفتـــاب،
بود ڪہ شد خاتمہ اين ڪتـــاب. [101]

محمد علي بکري جي منظوم فارسي تصنيف "ظهورنامہ" مان ڪجهہ شعر سندس ڪلام جي نموني طور هن ريت آهن.

هست يکـــي شخـــص نـيـک ذات،
سـلـمـه الله عـن الـحـــادثـــات.

—

کـاشـف اسـرار کـنـــو ز عـلـــوم،
واقـف اسـرار رمـــو ز قـيـــوم.

—

نطق دل آويـــز ز بس دلکشـــا،
لعل شکر ريـــزش صد جان فـــزا.

—

واصـف انـــوار از روئـي رسـول،
عـاکـف بـود آگـه مـوئـي رسـول.

—

در تـه آن رحـمـــت دا مـقـــر،
رحـمـــت الله شـــده نـامـــور.

—

من ک شدم ناظم نظم اين کـتـاب،
از سـبـبـش يـا فـتـم ايـن نصـاب.

—

پيش ازيـن نـزدش چـون رفـتـمـــي،
گـفـتـنـي خـويـش بـدو گـفـتـمـــي.

—

او بـه چنين خلق بـگـشـتـي انـيـــس،
بامن بيچاره مسکـيـن جـلـيـــس.

—

جملہ در ان سمع قبول آمدي،
ناظم را ناطق تحسين شدي.

—

گفت بروزي بمن خام هوش،
ناظم اين نامہ بشو دار گوش.

—

تا شرف لطف خدايت رسد،
بهر ازين باب دعايت رسد.

—

داد بمن ورقہ تاريخ او،
گفت بمن ناظم تاريخ شو.

—

يا فتم اين عزازان آستان،
دست فگنديم باين داستان.

—

"نامہ ظهور" آمد نامش نكو،
باز اين قصہ مارا شنو. (102)

حوالا / حاشيا:

1. مولانا دين محمد وفائي، تذكره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص8-117، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، 1974ع.
2. سيد حسام الدين شاه راشدي، امين الملك نواب مير محمد معصوم بكري، ص238، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، 2005ع.
3. مير علي شير قانع، تحفة الكرام، ايڊٽ: سيد حسام الدين شاه راشدي، ص131، (فارسي چاپو) سنڌي ادبي بورڊ 1971ع
4. مير علي شير قانع، مقالات الشعرا، تصحيح و حواشي، سيد حسام الدين شاه راشدي ص267، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع.
5. تذكره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص119، (حوالو اڳ آيل آهي)
6. تحفة الكرام، ص57، (حوالو اڳ آيل آهي)
7. ذخيره خوارزم شاهي، سيد اسماعيل جرجاني جي تاليف آهي، جيكا 12 جلدن تي مشتمل آهي ۽ قطب الدين محمد بن انوشتگين خوارزشاه جي نالي منسوب ٿيل آهي (تذكره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص118)
8. تذكره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص118، (حوالو اڳ آيل آهي)
9. مقالات الشعرا، ص267، (حوالو اڳ آيل آهي)
10. تذكره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص 119-118، (حوالو اڳ آيل آهي)
11. تذكره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص146، (حوالو اڳ آيل آهي)
12. تذكره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص148، (حوالو اڳ آيل آهي)
13. تذكره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص8-147، (حوالو اڳ آيل آهي
14. پروفيسر امين الله علوي، سنڌ جو هك مشهور مؤرخ، (مقالو) ص21-20، ماهوار الرحيم، جلد4، نمبر3، سيپٽيمبر-آكٽوبر 1974ع.
15. منشي عطا محمد شكارپوري، تازن معركن جي تاريخ تصحيح: عبدالحي حبيبي افغاني.. سنڌي ترجمو: حكيم نياز همايوني، ص3، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 2005ع.
16. سنڌ جو هك مشهور مؤرخ (مقالو)، ص21، (حوالو اڳ آيل آهي)
17. تاريخ تازه نوائے معارك، (فارسي ايڊيشن) ص410، سنڌي ادبي بورڊ 1959ع.
18. تاريخ تازه نوائے معارك، ص7، (فارسي ايڊيشن) (حوالو اڳ آيل آهي)
19. تاريخ تازه نوائے معارك، ص6-5، (فارسي ايڊيشن) (حوالو اڳ آيل آهي)
20. تاريخ تازه نوائے معارك، ص9، (فارسي ايڊيشن) (حوالو اڳ آيل آهي)
21. تاريخ تازه نوائے معارك، ص8-297، (فارسي ايڊيشن) (حوالو اڳ آيل آهي)

22. سنڌ جو هڪ مشهور مؤرخ، (مقالو)، ص25، (حوالو اڳ آيل آهي)
23. سنڌ جو هڪ مشهور مؤرخ، (مقالو)، ص25، (حوالو اڳ آيل آهي)
24. سنڌ جو هڪ مشهور مؤرخ، (مقالو) ، ص26-25، (حوالو اڳ آيل آهي)
25. تاريخ تازه نوائے معارک، ص4، (فارسي ايڊيشن) (حوالو اڳ آيل آهي)
26. سيد حسام الدين شاه راشدي، تاريخ سنڌ کي ماخذ (مقالو)، ص249، مشمولہ، مقالاة راشدي، مرتب: غلام محمد لاکو، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ايند ويسٽ ايشين اسٽديز جامعہ ڪراچي 2002ع.
- تازن معرکن جي تاريخ، (سنڌي ترجمو) (حوالو اڳ آيل آهي)
27. سنڌ جو هڪ مشهور مؤرخ، (مقالو)، ص30، (حوالو اڳ آيل آهي)
28. تاريخ تازه نوائے معارک، ص5-314، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
29. تاريخ تازه نوائے معارک، ص173، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
30. تاريخ تازه نوائے معارک، ص51، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
31. تاريخ تازه نوائے معارک، ص15، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
32. تاريخ نوائے معارک، ص49، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
33. تاريخ تازه نوائے معارک، ص4، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
34. تاريخ تازه نوائے معارک، ص6، (فارسي ايڊيشن)، (حوالو اڳ آيل آهي)
35. تذکره مشاهير سنڌ، جلد3، ص7-206، (حوالو اڳ آيل آهي).
36. مخدوم محمد ابراهيم خليل ٹتوي، تذکره تکملہ مقالاة الشعرا، بتصحيح و حواشي: سيد حسام الدين راشدي، ص600، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1958ع.
37. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور جا نثر نويس، (مقالو)، شامل: شڪارپور صدين کان، مرتب: ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، ص158، شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي شڪارپور، 1988ع
38. تذکره تکملہ مقالاة الشعرا، ص601، شڪارپور جا نثر نويس(مقالو) ص158، (حوالو اڳ آيل آهي).
39. تذکره تکملہ مقالاة الشعرا، ص601، (حوالو اڳ آيل آهي).
40. تذکره تکملہ مقالاة الشعرا، ص601، (حاشيو) (حوالو اڳ آيل آهي).
41. تذکره تکملہ مقالاة الشعرا، ص614، (حوالو اڳ آيل آهي).
42. تذکره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص169، (حوالو اڳ آيل آهي).
43. تذکره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص260 (حوالو اڳ آيل آهي).
44. تذکره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص260 (حوالو اڳ آيل آهي).
45. تذکره مشاهير سنڌ، جلد پهريون، ص260 (حوالو اڳ آيل آهي).

46. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص95 (حوالو اڳ آيل آهي)
47. تذکره تکملہ، مقالات الشعرا، ص601، (حوالو اڳ آيل آهي)
48. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص96، (حوالو اڳ آيل آهي)
49. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص98، (حوالو اڳ آيل آهي)
50. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص99-98، (حوالو اڳ آيل آهي)
51. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص 96- 91، (حوالو اڳ آيل آهي)
52. محمد عارف "صنعت" شڪارپوري، ديوان صنعت، بتصحيح ومقدمہ، لطف الله بدوي، ص و، (مقدمہ)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1968ع.
53. ديوان صنعت، ص و، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)

- لطف الله بدوي، ديوان صنعت جي مقدمي ۾ علامہ اويس محمد "اويس" جي هڪ مدح سندس نمونہ ڪلام طور درج ڪئي آهي.

54. ديوان صنعت، ص ط، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
55. ديوان صنعت، ص ط، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
56. ديوان صنعت، ص ط، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
57. ديوان صنعت، ص ط ۽ يخ، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
58. تذکره لطفي، پاڳو ٻيو، ص5-214، 68-1967ع، (حوالو اڳ آيل آهي)
59. ديوان صنعت، ص3 (حاشيو)، (حوالو اڳ آيل آهي)
60. ديوان صنعت، ص70، (حوالو اڳ آيل آهي)
61. ديوان صنعت، ص يب (مقدمہ) (حوالو اڳ آيل آهي)
62. تذکره لطفي، پاڳو ٻيو، ص247، (حوالو اڳ آيل آهي)
63. تذکره لطفي، پاڳو ٻيو، ص248، (حوالو اڳ آيل آهي)
64. تذکره لطفي، پاڳو ٻيو، ص248، (حوالو اڳ آيل آهي)
65. ديوان صنعت، ص كب، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
66. ديوان صنعت، ص كج، (مقدمہ)، (حوالو اڳ آيل آهي)
67. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص 9-198 (حوالو اڳ آيل آهي)
68. تذکره مشاهير سنڌ، جلد ٻيو، ص 198، (حوالو اڳ آيل آهي)
69. لطف الله بدوي، تذکره لطفي، (جلد ٻيو)، ص131، آر-ايڇ-احمد برادرس حيدرآباد، 68-1967ع
70. اختر درگاهي، تذکره جانشاهي، ص 13، سکرهستاريڪل سوسائٽي، 2001ع.
71. تذکره جانشاهي، ص53-27، (مختلف صفحا)، (حوالو اڳ آيل آهي).
72. تذکره جانشاهي، ص 64-56، (مختلف صفحا)، (حوالو اڳ آيل آهي).

73. نذكره جانشاهي، ص62، (مختلف صفحا)، (حوالو اڳ آيل آهي).
74. سيد عبدالحسين شاهه مسوي، (مرتب)، ديوان بيدل، ص387. سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، 1991ع.
75. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تذكره شعراءِ سكر، ص100، سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميه كاليج سكر، 1965ع.
76. تذكره جانشاهي، ص 67، (حوالو اڳ آيل آهي).
77. ڊاڪٽر عطامحمد حامي، خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، 7-156، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994.
78. ڊاڪٽر نواز علي شوق، سچل سرمست جا طالب، ص119، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 1998.
79. سچل سرمست جا طالب، ص119، (حوالو اڳ آيل آهي)
80. سچل سرمست جا طالب، ص119، (حوالو اڳ آيل آهي)
81. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص157، (حوالو اڳ آيل آهي)
82. سچل سرمست جا طالب، ص119، (حوالو اڳ آيل آهي)
83. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص490، (حوالو اڳ آيل آهي)
84. تذكره جانشاهي، ص88، (حوالو اڳ آيل آهي).

- سيد علي اكبر شاه اول جي والد سيد جمن شاه ثاني جي زندگي بابت كو گهڻو احوال هٿ نٿو اچي. تذكره جانشاهي جو مصنف، سيد جمن شاه بابت فقط ايترو لكي ٿو ته: "شجره سادات نقوي/رضوي بكر" ۾ اچي ٿو: "عارف رباني عاشق سبحاني صاحب تلقين و ارشاد حضرت سيد جمن شاه صوفي القادري" تذكري جو صاحب وڌيڪ لكي ٿو: "سيد جمن شاه به شاديون كيون جنهن مان كيس چه فرزند تولد ٿيا. جن مان سندس وڏو پٽ سيد علي اكبر شاه اول پوءِ درگاه جان الله شاه رضوي جي گادي تي ويٺو" (تذكره جانشاهي، ص 64).
- سيد جمن شاه بابت وڌيڪ كا معلومات نٿي ملي. ايتريقدر جو سندن وفات جي تاريخ به هٿ نه اچي سگهي آهي. بي طرف تذكره شعراءِ سكر جو مصنف جي لكڻ موجب ته: "سيد جان الله شاه "عاشق" كان پوءِ سندس پوٽو سيد علي اكبر شاه اول گادي تي ويٺو (تذكره شعرا سكر، ص 100) انهن ڳالهين مان گمان غالب آهي ته سيد جمن شاه ثاني پنهنجي والد سيد جان الله شاه "عاشق" جي حياتي ۾ ئي رحلت كري ويو هجي. ان كري سيد جان الله شاه "عاشق" كان پوءِ سيد علي اكبر شاه اول جي گادي تي ويٺو.

85. تذكره جانشاهي، ص 90، (حوالو اڳ آيل آهي).

86. ديوان بيدل، ص 388، (حوالو اڳ آيل آهي)
87. تذڪره جانشاهي، ص 88، (حوالو اڳ آيل آهي)
88. اسان کي محترم انور هالائي مرحوم جي علمي ذخيري مان هڪ قلمي نسخي جا ڪجهه ورق دستياب ٿيا جن تي سيد علي اڪبر شاهه اول جي نالي هڪ فارسي غزل ۽ قصيدو درج ٿيل آهي.
89. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص 54-153، (حوالو اڳ آيل آهي)
90. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص 154، (حوالو اڳ آيل آهي)
91. مرزا قليچ بيگ، رياست خيرپور، ص74، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد 2004ع.
92. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص154، (حوالو اڳ آيل آهي)
93. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص154، (حوالو اڳ آيل آهي)
94. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص155، (حوالو اڳ آيل آهي)
95. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص155، (حوالو اڳ آيل آهي)
96. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، ص496، (حوالو اڳ آيل آهي)
97. رحيمداد خان مولائي شيدائي، تاريخ سکر، ص481، سنڌي ادبي بورڊ، 1992ع.
- تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص221، (حوالو اڳ آيل آهي).
98. تذڪره تڪملہ مقالاة الشعرا، ص601، (حوالو اڳ آيل آهي).
99. تاريخ سکر، ص481، (حوالو اڳ آيل آهي).
- روهڙي شهر ۾ وار مبارڪ جي درگاه آهي. جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو وار مبارڪ رکيل آهي ۽ ان جي عام زيارت ڪرائي ويندي آهي انهيءَ وار مبارڪ جي باقائده ظهور سيد حيدر شاه حقاني جي ذريعي ٿيو هو. سنڌ ۾ ان وار مبارڪ جو آٿينڊڙ شيخ عبدالباقي صديقي هو. سيد حيدر شاه کي خواب ۾ حضور ﷺ جن جي ارشاد کان پوءِ شاه صاحب جي ورتل ڪوشش ۽ مخدوم عبدالمالڪ درهيلوي جي شاهدي کان پوءِ (جنهن کي پڻ حج جي موقعي تي حضور ﷺ جن ارشاد مبارڪ ڪيو هو). وار مبارڪ شيخ عبدالباقي زيارت لاءِ پيش ڪيو. اهو واقعو سنه952ھ/1545ع جو آهي.
(قريشي حامد علي خانائي، مقالاة خانائي، ص 51-50-49. مرتب: بشير احمد هيسباڻي، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، 2006ع).
100. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص221، (حوالو اڳ آيل آهي).
101. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص223، (حوالو اڳ آيل آهي).
102. تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص221، (حوالو اڳ آيل آهي).

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ جي
سچل سرمست جي شخصيت ۽ فڪر تي تحقيق
(مختصر جائزو)

سنڌ جي وحدت ۾ جنهن فڪر اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ان ۾ تصوف اهڙو فڪر آهي، جيڪو عملي صورت ۾ اچڻ کان پوءِ ان ديس جي وحدت، نرالو رنگ اختيار ڪيو.

سنڌ جي ڏرتي جيئن ته ماضي جي ورڪن ۾ ڪيترن ئي مذهبن ۽ مذهبي روين کي پاڻ ۾ سانڊي رکيو ويٺي آهي، اتي شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي ان فڪري وحدت جا بنيادي محرڪ آهن، جن جي سوچ، سمجهه، ساڃاهه، شعور هن ديس کي ته ڇا پر پوري عالم لاءِ انساني اتحاد، سهپ، پائيچاري، امن ۽ اتحاد جو پيغام ڏنو آهي. هنن تنهي وڏن شاعرن مان سچل سرمست پنهنجي اندازِ بيان جي رنگ ڍنگ سبب نرالي حيثيت رکي ٿو. هن جي اُن شاعراڻي فڪر ۽ انداز کي ڪولي بيان ڪرڻ توڙي سچل سائين جي شخصيت تي چڙهيل عقيدت جي دز کي لاهي، ان جو اصل چهرو عيان ڪرڻ وارن ۾ جن ٿورن شخصيتن تحقيقي انداز ۾ ڪم ڪيو، انهن ۾ ڈاڪٽر عطا محمد حامي، ڈاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪردار نهايت اهم آهي. هنن صفحن ۾ اسان ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو سچل سرمست تي ڪيل تحقيقي ڪم جو مطالعو ڪنداسين.

سچل سرمست جي ڪلام جي ترتيب جو آغاز ٿے سنہ 1883ع کان شروع ٿيو. مرزا علي بيگ سنہ 03-1902ع ۾ سچل فقير جو گھٽو ڪلام سنڌي سرائڪي ۽ ريختہ (اردو) ۾ گڏ ڪري رسالي جي صورت ۾ پيش ڪيو. اھڙي ريت آغا عبدالنبي، مولانا صادق راڄپوري، عثمان علي انصاري، قاضي علي اڪبر درازي، نماڻو فقير، ميان درمحمد، ڈاڪٽر عطا محمد حامي، ڈاڪٽر تنوير عباسي، ڈاڪٽر نواز علي شوق ۽ ٻين ڪيترن ان ڏس ۾ ڪردار ادا ڪيو پر خاص طور سچل سرمست جي شخصيت توڙي سندس سوانح حيات بابت علمي تحقيقي انداز ۾ ڪن ٿورن شخصيتن قلم هلايو آهي، جن ۾ ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمست سائين بابت ڪن اهم اختلافي نُڪتن بابت جدا جدا پنهنجن مضمونن/مقالن/تقريرن/ليڪچرس ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڈاڪٽر صاحب کو جدا مڪمل ڪتاب ٿ سچل سرمست تي نہ لکيو پر هن جي تحريرن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ ڈاڪٽر بلوچ صاحب جي ذهن ۾ سچل سرمست بابت کو ڪتاب لکڻ جو خاڪو ضرور موجود هو.

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجين لکڻين ۾ سچل سرمست بابت جن اهم نُڪتن طرف اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، اُهي هي آهن:

1. سچل سائين جي ولادت جي درست تاريخ
2. ڇئن زبانن وارو يا هفت زباني شاعر
3. سچل سائين جو پنهنجي دور جي عالمن سان اختلاف
4. سچل سائين جي انقلابي شاعري
5. سچل سائين جي فڪري واٽ

هت اسان ترتيب وارو مٿين موضوعن تي گفتگو ڪنداسين:

سچل سائين جي ولادت جي درست تاريخ: هيءُ بہ هڪ اختلافي مسئلو آهي. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان طرف اسان جو ڌيان

چڪايو آهي. سچل چيئر ۾ موجود شجره فاروقيان کي ڏسڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهڙو اظهار ڪيو ته سچل سائين جي جيڪا ولادت جي تاريخ 1152ھ/ 1739ع ٻڌائي وڃي ٿي، اها درست ناهي بلڪ شجره فاروقيان ۾ درج سچل سائين جي ولادت جي تاريخ 1170ھ/ 1758ع درست آهي[1].

هيءُ معاملو ڪجهه منجهائيندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ته شجره فاروقيان سنہ 1265ھ/1850ع يعني سچل سائين جي وصال کان ٻيڪ ٽيويهه سال پوءِ لکيو ويو ته ان جو لکندڙ خود فاروقي خاندان جو فرد آهي، ان صورت ۾ ان لکت کي مڪمل طرح رد نه ٿو ڪري سگهجي، ته هي طرف ان لکت کي پوري طرح قبول ڪرڻ کان اڳي، اسان کي پڻ ڪجهه ٻيون روايتون به ڏسڻيون پونديون، جن ۾ زبان زد روايت ته منهنجي (سچل سائين) عمر 105 ورهيه آهي پر آءٌ سرڪار جي سلاميءَ تي پندرنهن سال اڳ ويندس[2].

ٻيو ته سچل بابت ڇپيل سمورن آڳاٽن لکتن ۾ 1152ھ/ 1739ع جو سنہ لکيل آهي. فقير قادر بخش بيدل جي لکيل سچل سائين جي وفات واري نظم ۾ پڻ ٻوي ورهيه نروار هو' جي ڳالهه آيل آهي. پنهنجي عمر بابت سچل سائين خود ديوان آشڪار ۾ هڪ هنڌ چيو آهي:

هفتا دو وسالم شده در پيچ زلفت مبتلاست،
يک روز خواهم وصل تو عشقت بجان ور زيده ام[3].

(منهنجي عمر ٻاهتر سال ٿي چڪي آهي آءٌ تنهنجي زلفن جو اسير آهيان، مون تنهنجي عشق کي دل و جان سان قبول ڪري ورتو آهي، آءٌ فقط هڪ ڀيرو وصل چاهيان ٿو.)

هن بنهه مختصر بحث کان پوءِ اسان ڇڻي سگهون ٿا ته شجري فاروقيان جي صحت بابت پڙ اسان کي ويچار وندڻ گهرجن ته ٻئي طرف سچل سائين بابت سمورين لکتن کي عقلي بنياد تي بيدل سائين جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ پرکڻ گهرجي ته جهڙي طرح ان اختلافي مسئلي کي نبيري سگهجي.

ڇئن زبانن وارو يا هفت زبان شاعر: حقيقت ۾ هن قسم جي نعري بازي 1970ع کان شروع ٿي، ان کان پهرين هڪڙي قسم جي ڳالهه ڪٿي به لکي نه وئي پر عقيدت جي بنياد تي چيل هيءَ ڳالهه عقيدت ۾ اڇتي وڌي. اول ۾ ڈاڪٽر عطا محمد حامي "غلط روايتون" مضمون لکي هن قسم جي ڳالهه کي رد ڪيو. بعد ۾ سيد حسام الدين شاهه راشدي، سچل ادبي ڪانفرنس ۾ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ پڙ هن ڳالهه کي رد ڪيو. موضوع جي اهميت کي محسوس ڪندي ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڙ هن تي خيال آرائي ڪئي. هن سلسلي ۾ لکن ٿا:

> "سچل سائين بابت ويجهي دور ۾ هڪ غير حقيقي نعرو "هفت زبان شاعر" هڻڻ وارو گونجي رهيو آهي، اول ڪنهن به وڏي شاعر جي وڏائي انهي ۾ ناهي ته ڪو هو گهڻن زبانن ۾ شاعري ڪري، گهڻن زبانن ۾ شاعر ٿيڻ ناممڪن آهي. عظيم شاعري فقط هڪ ئي زبان ۾ ڪئي ويندي آهي، باقي زبانن ۾ رسمي شاعري يا نظم نگاري ٿئي ٿي. سچل سرمست پڙ بنيادي طور هن زبانن جو شاعر آهي، سنڌي ۽ سرائڪي، باقي فارسي ۽ اردو ۾ هن فقط نظم نگاري يا رسمي شاعري ڪئي آهي [4]."

حقيقت ۾ هيءَ ڳالهه نج عقيدت جي بنياد تي چيل آهي ته

سچل سرمست هفت زبان شاعر آهي. ڇاڪاڻ ته سين ڳالهين کان هٿي ڪري اسان فقط سچل سائين جي موجوده ڪلام کي ڏسون ٿا ته اهو اسان کي سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ۾ ملي ٿو. باقي زبانن- عربي، هندي ۽ پنجابي ۾ کو مڪمل شعر هٿ نه آيو آهي. ها البته سچل جي ڪلام ۾ قرآن شريف جون آيتون، حديثون، ۽ عربي مقولا ته ضرور ملن ٿا. اهڙي ريت سرمست سائين جي ڪلام مان هندي الفاظ به ڳولي سگهجن ٿا. باقي رهيو مسئلو پنجابي زبان جو. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکن ٿا:

> "مرزا علي قلي بيگ 1902ع ۾ سچل سائين جو ڪلام مرتب ڪيو. تنهن پهريون پيرو پنجابي زبان جو نالو ڪنيو. پر هن پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ سببان ساڳي هڪ ئي زبان کي سرائڪي يا پنجابي ڪري لکيو آهي. حقيقت ۾ سچل سائين جنهن هوليءَ ۾ شعر چيو آهي سا مجموعي طور سرائڪي آهي، جيڪا سنڌ توڙي پنجاب ۾ رائج آهي، پر اها پنجابيءَ کان الڳ آهي[5]."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو چٽيءَ طرح واضح ڪري ڇڏيو ته سرائڪي ۽ پنجابي علحده زبانون آهن، جن کي هڪ نه سمجهڻ گهرجي ۽ سچل سرائڪي زبان ۾ شاعر ڪئي آهي، نه ڪي پنجابي زبان ۾. تنهن ڪري اهو بار بار لکڻ ۽ چوڻ ته سچل هفت زبان شاعر آهي، اهو سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي.

سچل سائين جو پنهنجي دور جي عالمن سان اختلاف: هن قسم جون ڳالهيون به لکت ۾ ملن ٿيون. ڇاڪاڻ ته جڏهن به پنهنجي دور کان وڌو شخص پيدا ٿيندو آهي، ته ان دور جا ماڻهو اُن کي سڃاڻي نه

سگھندا آھن ۽ پوءِ مختلف قسمن جون ھٿ ٺوڪيون ڳالھيون جوڙي عام ڪيون ويندیون آھن. جنھن جو مقصد اھو ھوندو آھي تہ ان عظيم شخصيت جي اھميت کي گھٽائجي. اھڙي صورتحال سچل سائين سان بہ لاڳو رھي آھي، جنھن ۾ ھڪ نُڪتو اھو بہ عام ڪڙ جي ڪوشش ڪئي وئي ھئي تہ سچل سائين پنھنجي شاعري ۾ ڪفر ٽو چئي، يقيناً اھڙيون ڳالھيون عام ڪڙ سان محدود سوچ وارن مذھبي ٺيڪيدارن سچل سائين جي مخالفت ڪئي ھوندي، اھڙو ھڪ واقعو "تذڪرہ مخاديم کھڙا" ۾ پڻ آيل آھي، جنھن مان چٽو ٿئي ٿو تہ سچل سائين خلاف وقت جي مذھبي ٺيڪيدارن سازشون ڪيون آھن. ڈاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

> "سچل سائين بابت اھو بہ اختلافي مسئلو آھي تہ درازي شاھ، عالمن جي خلاف ھو ۽ عالمن وري سچل سائين کي مارائڻ ٽي گھريو پر ٽالپر حڪمرانن جيئن جو سچل سائين جي طرفداري ٽي ڪئي، انھيءَ سبب سندس حياتي بچي وئي[6]."

رياست خيرپور جا ٽالپر حڪمران سچل سائين جا عقيدت مند ھئا ۽ سندن گھٽو خيال رکندا ھئا. سچل سائين جو روضو پڻ ٽالپر ميرن جوڙايو. تاريخ جي صفحن ۾ سچل سائين جو مير علي مراد ٽالپر کي ننڈي ڄمار ۾ دعا ڏيڻ جو واقعو پڻ محفوظ آھي. سچل سائين پنھنجي ڪلام ۾ مذھبن جي نام نھاد ٺيڪيدارن جي منافقتن کي ننديو آھي. تاريخ جي صفحن ۾ اھڙا ڪوڙ سارا واقعا آيل آھن تہ کھڙي ريت مذھب کي سياست لاءِ استعمال ڪيو ويندو رھيو آھي. جنھنڪري عام ماڻھو کي سخت تڪليف جو منھن ڏسڻو پيو. سرمست سائين عقل سان نہ، دل سان مذھب جي روح کي ھنڌائڻ جو قائل ھو. ھو چوي ٿو:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
ڪي نوڙي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.

سچل سائين بنيادي طور سچ جو سرواڻ هو. جيڪو سچ انسان کي سندس بنيادي سڃاڻپ سان شناس ڪرائي ٿو ۽ ان سچ جي طفيل انسان ڪائنات ۾ پنهنجو جائز مان مرتبو حاصل ڪري هن دنيا ۾ اچڻ جي بنيادي مقصد کي نہ فقط سمجهي ٿو پر ان مقصد کي حاصل پڻ ڪري ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ٻُڌتو تہ "سچل جي وقت جا عالم سچل سائين جي خلاف هئا". هڪ حقيقت آهي، ڇاڪاڻ جو سچل ڪنهن بہ مذهب، فرقي، رنگ، نسل جي خلاف نہ هو. بلڪ سچل اهڙن ماڻهن جي خلاف ضرور نظر اچي ٿو. جيڪي مذهبن کي پنهنجي سطحي سوچ، گروهي مفاد ۽ ڪوڙي دٻدٻي قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهن.

حافظان ورد خوان جي عمل اند،
بيخبر قافيان را ديدم.[7]

(مون قرآن جي حافظن کي بي عمل ڏٺو آهي ۽ وقت جو قاضي حالتن کان بي خبر آهي.)

سچل جي انقلابي شاعري: سچل سرمست سنڌي ٽوڙي سرائڪيءَ ۾ جيڪا شاعري ڪئي آهي. انهيءَ جو انداز نهايت بيباڪ ۽ ڪلر ڪلا وارو آهي، جنهن سبب مٿس ڪفر جون فتوائون ڪن خاص طبقي طرفان زباني طور جاري ڪيون ويندیون رهيون آهن. پر حقيقت ۾ سچل سائين جي ڪلام کي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ سرمست سائين جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، ان جو بہ هڪ خاص

پس منظر آهي، ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"هڪ اختلافي راءِ اها به آهي ته سچل سائين وڏو انقلابي هو. هو انقلاب ۾ ايريو. هن کنهن جي خلاف انقلاب برپا کيو؟ سچل هڪ باغي شاعر هو. وري به اهو لکت ۾ ٿو ملي ته هن اسلام جي خلاف بغاوت کئي ۽ اهو حوالو به ڏنو ويندو آهي ته بقول سندس: مان حضرت ﷺ جن جي ست ۾ ڏسجڻ نٿو چاهيان[8]."

ڈاڪٽر بلوچ صاحب خود ئي ان اختلافي مسئلي جو جواب ڏنو آهي:

"هاڻي هي به ساڳي نوعيت جو هڪ اختلافي افسانو آهي، حقيقت ۾ سچل سائين دين يا اسلام جي روح جي خلاف کڏهن به بغاوت نه کئي هئي، هن ته جيڪو به احتجاج کيو آهي، سو ظاهر واري جي خلاف آهي. هن ته رواج ۽ رسمن جي خلاف نعرو هنيو آهي[9]."

سچل سائين بابت جن به اهڙيون ڳالهيون کيون آهن، اُهي پنهنجي سطحي سوچ جي سبب درازي شاهه جي اعليٰ فڪر کي سمجهي نه سگهيا. سچل، فرد جي بنيادي سڃاڻپ، حيثيت ۽ انفراديت کي پيش کيو آهي، هن جي نظر ۾ هڪ فرد خود وڏي اهميت رکي ٿو. ان کري فردِ واحد کي پنهنجي صلاحيتن ۽ لياقتن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي، هو چوي ٿو:

جي تو جاتو پاڻ، آءٌ ٻيو کي آهيان،
کندءِ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾.

ڈاڪٽر بلوچ صاحب جي اها ڳالهه به اهميت رکندڙ آهي ته سچل

سائين رسمن رواجن جي خلاف ڳالهايو آهي، ڇاڪاڻ ته رسم ۽ رواج جڏهن پنهنجي معروضي حالتن سان موافقت نه رکندا آهن، ته پوءِ انسان لاءِ هاڃيڪار ٿي پوندا آهن، اهڙي حالت ۾ انهن رسمن، رواجن کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ سچل سرمست چوي ٿو:

"ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو."

هيءَ بغاوت مدي خارج رسمن خلاف آهي، نه ڪي مذهب جي، ڇاڪاڻ ته سچل جو مذهب انسانيت آهي، جيڪو دنيا جي هر مذهب جو بنياد آهي. انهي ڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته سچل جي اهڙي مثبت انقلابي نظريي کي عام ڪرڻ گهرجي[10].

سچل سائين جي فڪري واٽ: سچل سائين جي فڪر جي افاديت کي سمجهڻ لاءِ هيءُ هڪ اهم نُڪتو آهي ته آخر سچل سائين وٽ جيڪو فڪر آهي، اهو ڪٿان آيو آهي. ان جي فڪري واٽ ڪٿان ۽ ڪهڙي ريت سرمست سائين تائين پهتي آهي. جنهن تي وري سچل سرمست هليو آهي، ان واٽ جي نشاندهي ۾ اسان جا ڪي عالم پنهنجي عقيدت جي ور چڙهي ويا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڏس ۾ اهم ۽ ڪارائتيون ڳالهيون ڪندي چوي ٿو:

"جڏهن آغا عبدالنبي صوفي، سچل سرمست جو رسالو مرتب ڪيو ته هن هڪ اختلافي مسئلو هِن طرح اُٿاريو ته: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سائين جي نظرين ۾ واضح فرق آهي. سچل، عطار جي پيروي ڪئي آهي ۽ شاهه صاحب، مولانا رومي جي ڏسيل راهه تي هليو آهي.

هاڻ اُهي ماڻهو جيڪي اها ڳالهه ڪن ٿا، تن کي شايد اهو پتو ئي نه آهي ته عطار ۽رومي يا سنائي

جي خيالن ۾ ڪوبہ اختلاف آهي ئي نہ! مولانا رومي خود فرمايو آهي تہ:

'ما از پئہ سنائي و عطار آمديدم'

(اسان پڻ سنائي ۽ عطار واري پيچري تي هلندڙ آهيون) [11]."

سچل سائين کي فقط خواجہ فريدالدين عطار جو پوئلڳ سمجهڻ دراصل ان ساري پس منظر کان اڻ واقفي آهي، جنهن ۾ تصوف جا سمورا سرچشما گڏ ٿين ٿا. عطار هجي يا رومي يا جامي يا احمد جام. هي سڀ هڪبئي جا فڪري تسلسل آهن. سچل سرمست جي ڪلام جي باريڪ بين مطالعي سان اها ڳالهہ چٽي طرح نظر اچي ٿي تہ سرمست سائين تصوف جي فڪر جي وڏن شارح شاعرن کي پنهنجي روحاني اڳواڻ جي حيثيت ڏني آهي. حسين بن منصور حلاج، خواجہ فريدالدين عطار، مولانا جلال الدين رومي، مولانا عبدالرحمان جامي، احمد جام زنده پيل، ڪبير، سلطان باهو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل جي اهڙن روحاني اڳواڻن ۾ شامل آهن، ديوان آشڪار ۾ درازي بادشاهہ چيو آهي:

اي دلا خوشبوز شه عطاردر جانم رسيد،
آن زبان يکبارگي از کفر و ديوان مارا کشيد.

—

چہ جلال الدين چه جامي غاشيہ بردار او،
اين چنين تعريف ما از پير عبدالحق شنيد [12]

(اي دل! منهنجي روح تائين حضرت عطار جي خوشبو پهچي وئي ۽ ان وقت هڪدم مون کي ڪفر ۽ دين کان آزاد ۽ بي نياز ڪري چڏيو. مولانا جلال الدين رومي هجي يا مولانا عبدالرحمان جامي هجي،

اهي سندس چاهيندڙ ۽ پيروي ڪندڙ آهن. اها تعريف اسان پنهنجي پير طريقت حضرت عبدالحق ڪان ٻڌي آهي.)

جتي مولانا رومي اهو فرمايو تہ اسان پڻ سنائي ۽ عطار واري پيچري تي هلندڙ آهيون. اتي وري هنن ٻنهي روحاني رهبرن جي تعريف ۾ فرمائن ٿا:

'عطار روح بود و سنائي دو چشم'
(عطار روح هو ۽ سنائي هن جون ٻہ اکيون) [13].

سچل سائين جي ڪلام جي اهڙي مطالعي بعد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اها راءِ اهم آهي تہ عطار، رومي يا سنائي، جي خيالن ۾ ڪوبہ اختلاف آهي ئي ڪونہ، ۽ سچل سائين پاڻ ڪان اڳ جي اهم صوفي اڳواڻن جي فڪر ۽ فلسفي مان بنا ڪنهن مذهبي مت پيد جي انسان شناسي، انسان دوستي، ايڪي، اتحاد، رواداري، خلوص ۽ سچائي وارن بنيادي نُڪتن کي ملائي خود لاءِ وات جوڙي. چوي ٿو:

وقت اها ٿئي ويل دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيہ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مؤمن سان ملي محبت جا ڪر ميل،
متان ٿيئي اويل، اولهہ سج نہ الهي.

پڇاڻي:

اسان هت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سچل سائين بابت اٿاريل ڪن نُڪتن بابت گفتگو ڪئي آهي، جنهن مان اسان کي هيٺيون ڳالهيون چٽيون نظر اچن ٿيون:

- سچل سائين هفت زبان نہ بلڪ چئن زبانن جو شاعر هو.
- سچل جي ولادت جي تاريخ بابت شجره فاروقيان جو

مطالعي دوران سائين جي فارسي شعر کي اڳيان رکيو وڃي.

- سچل جا پنهنجي دور جي عالمن سان ڪي به اختلاف نه هئا، البت مذهب کي گروهي مفادن لاءِ استعمال ڪندڙ استحصالي طبقي سچل جي اعليٰ فڪر جي مخالفت ضرور ڪئي.
- سچل رڳو خواجہ فريدالدين عطار جو پوئلڳ نہ هو بلڪ هن حسين بن منصور حلاج، حڪيم سنائي، مولانا رومي، مولانا جامي، احمد جام زنده پيل، ڪبير، سلطان باهو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي پڻ پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق جيان فڪري اڳواڻ سمجهيو آهي، تنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ مختلف جاين تي انهن جو ذڪر احترام سان ڪيو آٿس.

حوالا

1. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، توسيعي ليڪچر، سرمست 12/1992ع سچل يادگار ڪاميٽي خيرپور
2. مرزا علي قلي بيگ، رسالو ميان سچل فقير جو (مقدمو)، ميشرس هرسنگهہ ڪتبخانہ شڪر، 1902ع
3. سچل سرمست، ديوان آشڪار، ترجمو ۽ ترتيب: قاضي علي اڪبر درازي، (جلد اول)، ص 180، محڪمہ اوقاف سنڌ 1981ع
4. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حافظ عبدالوهاب فاروقي، (مقالو) ص 22، ڪاروائي سچل نيشنل سيمينار، ترتيب حميد آخوند، سچل اڪيڊمي خيرپور 1983ع
5. ساڳيو، ص 30-229
6. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سچل بابت ڪي ڳالهيون، (خطبو)، ص 10، آشڪار 4، مرتب: ايار گل، سچل چيئر خيرپور 1994ع

7. ديوان آشڪار، ص 181، (جلد اول)، 1981ع
8. سچل بابت ڪي ڳالهيون، ص 11
9. ساڳيو ص 11
10. ساڳيو ص 11
11. ساڳيو ص 11-12
12. ديوان آشڪار، ص 90، (جلد اول) 1981ع
13. هن سلسلي ۾ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب "سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر" (2011ع)
14. ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص 174، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2011ع

سِک رمز وجود وڃا وڙ دي .....!

بيدل سائين جي هڪ ڪافي جون هي سٽون اڪثر منهنجي زبان تي رقص ڪنديون آهن. لفظ نہ آهن معنىٰ ۾ مفهوم جو بي انت ساگر آهي جنهن جي شايد اڄ هن محفل ۾ مون کان ٿي سگهي. بيدل سائين چئي ٿو:

سِـــک رمـــز وجـــود وڃـــاوڙ دي،
نـهـيـن حـاجـت پـڙهـڻ پـڙهـاوڙ دي.

بيدل سائين جا هي لفظ اسان کي اوڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن جيڏانهن اسان جي سوچ جا پير مُڙن ئي نہ ٿا. جيڏانهن اسان جي نگاهه ڪجي ئي نہ ٿي، جيڏانهن اسان جي دل وڃڻ جا سانباهه ئي نہ ٿي ڪري. پر بيدل سائين سمجهائي ٿو هن تہ 'وجود' وڃائي ڇڏيو. وجود ڇا وڃايو سپ ڪجهہ حاصل ڪري ورتو ۽ هي سٽون اسان کي ان مَقام جي درجي ڏانهن وٺي وڃي رهيون آهن جتان پوءِ اسين حقيقي سالڪ بنجي ان ڪيفيت ۾ داخل ٿيندا سين جتي انسان کي پنهنجي حيثيت / مقام / درجي جي ڄاڻ ملي ٿي ۽ بندو پنهنجي ۽ خدا جي وچ واري وٺي کي مِٽجندي محسوس ڪندو. انسان ۽ خدا جي وچ ۾ جي ڪا شي حائل آهي / رنڊڪ آهي تہ اُها آهي هي نفس ۽ ان جي اشارن تي نچندڙ هي مٽي جو پُتلو.

حضرت جنيد بغدادي رح جو قول آهي:

"تصوف اهو آهي جيڪو 'حق تعالىٰ' توکي تنهنجي ذات کان فنا ڪري ڇڏي ۽ توکي پاڻ سان گڏ رکي".

۽ ٻيو قول حضرت جنيد بغدادي رح جو آهي:

"الله سان گڏ هجڻ کان پوءِ توکي ڪنهن ٻئي شئيِ سان تعلق نہ هجن گهرجي".

حضرت جنيد بغدادي رح جي انهن خيالن مان جيڪا ڳالهہ ڦٽي نڪتي آهي يا جيڪا اسان کي هن وقت سمجهہ ۾ آئي آهي تہ 'وجود' هڪ آهي، جنهن کي فنا ناهي. ان کي بقا آهي تہ پوءِ انسان جو وجود ڪٽي آهي؟ هي فقط نظر جو دوکو آهي تہ انسان جي ڪا هستي آهي. ظاهر نظر ۾ ايندڙ هي رنگ رنگ ڏاڪڻ جهڙو جهان تہ ڪجهہ بہ نہ آهي؛ آهي تہ اها ذاتِ حق! جا اول و آخر - ظاهر و باطن رهندي اچي.

تصوف جي هڪ معتبر ڪتاب 'رسالا فتحيہ' ۾ وجود بابت حضرت مخدوم فتح محمد لکن ٿا:

"ڇاڻڻ گهرجي تہ وجود چار آهن. 1. واجب الوجود (جنهن جو هر گهڙي موجود هجڻ لازمي آهي ۽ اهو الله آهي). 2. جائزالوجود (جنهن جو موجود هجڻ جائز آهي ۽ اها مخلوق آهي). 3. ممڪن الوجود (جنهن جي وجود جو امڪان هجي، يعني مخلوق جيڪا ڪڏهن بہ پيدا ٿي سگهي ٿي). 4. ممتنع الوجود (جنهن جو وجود ممڪن ئي نہ آهي ۽ اهو غيرالله آهي يعني الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود هجن).

اڳتي مخدوم صاحب لکن ٿا:

"ذات اول آهي صفتون بعد ۾ آهن ذات باطن آهي ۽ صفتون ظاهر آهن. ذات قديم آهي ۽ صفتون

حادث يعني نئون وجود رکندڙ آهن پر جيئن ته الله تعالىٰ اول به آهي ته آخر ۾ به آهي باطن ۾ به آهي ته ظاهر ۾ به آهي ۽ جيڪي ڪجهه به آهي سو اهو ئي آهي تنهن ڪري ان ذات ۽ ان جو صفتون به اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن سڀ هڪ آهن، ڇاڪاڻ ته تصرف ۽ عمل دخل جي لحاظ سان ذات مطلق جو اطلاق مقيد صفتن تي ڪندا آهن جو حقيقت جو جهان ۾ اڪيلي الله خالق اڪبر جي وجود کان سواءِ ڪنهن جو به وجود نه آهي. ڇاڪاڻ ته ان جي باري ۾ نٽو چئي سگهجي ته هِن هنڌ آهي ۽ هُن هنڌ به آهي، بلڪ اهو هر هنڌ آهي. دنيا هجي ڇاهي آخرت، هر زمان ۽ هر مڪان ۾ موجود آهي، خالق: مخلوق کان جدا ٿي نٽو سگهي ۽ نه ئي انهن ۾ ٻيائي ۽ جدائي جو خيال ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته جدائي ۽ ٻيائي ۾ ن شين ۾ ٿيندي آهي پر الله ته اهو پاڻ لاشيءِ آهي ۽ پاڻ موجود آهي. اهو پاڻ منظور حق ۽ ناظر مطلق جي نظر ۾ آهي. چار ئي وجود هڪ وجود آهن".

۽ اها ئي ڳالهه اسان کي بيدل سائين جي روحاني رهبر سچل سرمست جي واتان ڪجهه هن طرح ملي ٿي ته:

جي تو ڄاتو پاڻ، آءٌ ٻيو ڪي آهيان،
ڪندءِ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهه ۾.

۽ بيدل سائين انهي فڪر کي سمجهائيندي چئي ٿو:

سِک رمز وجود وڃاوڻ دي،
نهين حاجت پزهڻ پڙهاوڻ دي.

هاڻ سوال ٿو اٿي ته اها رمز سڪجي ڪهڙي طرح جنهن جي سڪڻ سان مٽي جو هي ڪوٽ ڍهي ۽ روح اصل حقيقت تائين پهچي. ان لاءِ بيدل سائين خود ئي هن ڪافي ۾ فرمائي ٿو:

بارش برهه دي جنهن سر آئي سوز عشق وچ جالي سدائي،
بي دردان نون ڪل نه ڪائي، درد دي دُود ڪاوڙ دي،
نا دليل نا ليسي دلبر، عقل نه اوڏانهن ٽيسي رهبر،
سمجهي مام ڪو صوفي بي سر، شاهي طبل وڄاوڙ دي.

هاڻ سالڪ لاءِ ان رمز کي سمجهڻ آسان ٿي پيو آهي جا رمز 'وجود وڃاڻ دي' آ. عشق ئي اها رمز آهي جنهن جي پلئه پوڻ سان انسان جي سوچ سمجهه تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ هو دليل جي بجاءِ دلبر جي نگاهه سان سمورين شين کي ڏسي ٿو ۽ اها ئي ڪيفيت آهي جڏهن هن کي سمورين ڳجهين شين جي حقيقت معلوم ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. جڏهن معشوق لاءِ عاشق هر ذلت برداشت ڪرڻ شروع ڪري ٿو ان ئي وقت ان جي اندر ۾ خود کي مَٽائڻ / گهٽ ڪرڻ / هيٺائين وٺڻ جي حالت پيدا ٿئي ٿي ۽ جڏهن بندو الله سان عشق ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته هو پاڻ کي ڪجهه به نٿو سمهجي ۽ ملامت اها حالت آهي جيڪا خود کي مَٽائڻ ۽ مِٽائڻ جي حالت ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

حضرت ابو حمزه بغدادي جو قول آهي:

"سچي صوفي جي علامت اها آهي ته هو باوجود مالدار هجڻ جي فقير ٿي وڃي، هو باوجود عزتدار هجڻ جي حقير ٿي وڃي، هو باوجود شهرت جي هو خود کي لڪائي".

يعني انسان کي جيڪڏهن ظاهري طور مال — ملڪيت — ڌن

– دولت – طاقت ملي ٿي تہ هو ان جي موهہ ۾ انڌو نہ ٿئي، بلڪ هو پاڻ لاءِ انهن شين کي عارضي سمهجي ۽ عشق ئي اها باهہ آهي جنهن سان انسان جي خواهشن جو گهاٽو جهنگ سڙي رک ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ انسان حقيقي مالڪ جي آڏو پيش ٿئي ٿو ۽ کيس اهو درجو عطا ٿئي ٿو جنهن جو طلبگار آهي. اهو پنڌ اوکو ضرور آ پر ناممڪن نہ ! سالڪ جي ان سفر ۾ ثابت قدم رهي تہ اهو ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو جنهن جو هُن جي نظر ۾ هي سموري ڪائنات ئي هڪدم سان تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ ظاهر جون حدون هُن لاءِ بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿيون ۽ سچل سائين چواڻي لاحد جو مسافتون طئہ ڪندو هڪ جهان ۾ پاڻ کي محسوس ڪري ٿو. سالڪ جي ان حالت بابت 'رسالہ فتحيہ' جي صاحب هڪ هنڌ چٽو لکيو آهي:

> جاڻڻ گهرجي تہ جڏهن عالم قدسي کان ڇڪ ۽ ڪشش ٿيندي آهي تہ بسيط جوهر يعني نفسِ انساني پنهنجي جسماني گندگين ۽ طبعي لذتن جي محبت کان پاڪ ٿي، بصيرت ۽ باطني روشني جي وسيلي حقيقي جمال جو مشاهدو ڪندو آهي، ان وقت پرواني وانگر پنهنجي هستي کي فنا ڪري، اللّٰہ تعالیٰ جي اڻ کٽ ۽ لازوال تجلين ۽ انوار ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو آهي، تانجو آخري مقام "مقام وحدت" تي وڃي رسندو آهي. پنهنجي انتهائي ۽ آخري مرتبي تي پهچڻ جي باوجود، ان جي بدن جون قوتون ان کي جمال حقيقي جي مشاهدي کان باز نہ رکنديون آهن، انهي ڪري اها سعادت ۽ نيڪ بختي، جيڪا ٻين کي اڳئين جهان يعني آخرت ۾ ملندي اها ان کي هن دنيا ۾ ئي نصيب

ٿي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ماڻهو پاڻ کي محبت الهي ۾ گم ڪري ڇڏيندا آهن، انهن جو مقصد فقط حق تعالىٰ ۾ محويت ۽ مستي هوندو آهي. اهي مخلوق مان ٻي ڪنهن بہ شي ۾ پاڻ کي نہ ريجهائيندا آهن ۽ نہ ئي مشغول ڪندا آهن. اهي پنهنجيون سموريون بشري ضرورتون مٽائي، امڪاني حد تائين الله تعالىٰ جي رضا جوئي پاڻ کي مصروف رکندا آهن، تان جو پنهنجو پاڻ کي بہ وساري ويهندا آهن. ان کي 'محويت' چوندا آهن تہ 1. انسان پنهنجي بشري صفتن کي الله جي ذات ۾ گم ڪري ڇڏي. 2. پنهنجي ذات کي ان جي ذات ۾ گم ڪري. 3. ذات بحت (يعني خالص ذات) ۾ گم ٿي وڃي. 4. سلوڪ جي ڪنهن مقام ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏي، يعني جزمان ڪل يا ڪل مان جزٿي وڃي ۽ ان کي ڪا بہ خبر نہ پوي، ان کي 'مقام لا انا والا غيري' چوندا آهن".

۽ پوءِ سالڪ کي اها لذت حاصل ٿئي ٿي جنهن جو هو ڳولائو رهندو آهي. بيدل سائين چئي ٿو:

بحر عميق مين جو ٿي پيو سي — دين ڪفر دا دفتر ڈوسي
ساري سُڌ انهين ڪو هوسي — ذات صفات سماوڻ دي.
'بيدل' ڳالهہ وحدت دي مَن تون — طلسم وهم دوئي داين تون،
وچ عروج نزول دي گِهن تون — لذت آوڻ جاوڻ دي.

ثقافت کاتي حکومت سنڌ پاران 2008ع کان 2012ع تائين
چپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي کتابن جو تفصيل

نمبر	کتاب جو نالو	مصنف/مرتب/مترجم	قيمت	سال
1	سپ رنگ	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	250	2012
2	امر جليل جا ڪتاب جلد ٻيو	امر جليل	800	2012
3	شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز	پروفيسر اعجاز احمد قريشي	200	2012
	تم جيت گئيں ہم ہار گئے	پروفيسر سليم ميمڻ	300	2012
	Shaheed Mohtarma Benazier Bhutto	Prof. Aijaz A. Qureshi	350	2012
4	ڪي نہ وسرن مور	ڈاڪٽر سحر امداد حسيني	120	2012
5	سووينئر "لعل شهباز قلندر"	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي ڈاڪٽر نواز علي شوق		2012
6	سنڌڑيءَ جو شهباز قلندر	آزاد انور ڪانڌڑو	200	2012
7	قلندر لعل سيوهاڻي	ڈاڪٽر نواز علي شوق	120	2012
8	الشهباز	جليل سيوهاڻي	150	2012
9	قلندر نامو	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	100	2012
10	تذڪرہ شهباز	ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	120	2012
11	شاھ عبداللطيف ڀٽائي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250	2012
12	سنڌي شاعري جو اپياس	شمشيرالحيدري	150	2012
13	شاھ عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	600	2012
14	پنيور ۽ ديبل	عبدالقادر منگي	300	2012

15	شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا	ڊاڪٽر عابد مظهر	300	2012
16	سنڌي کهاڻي	اسحاق انصاري	300	2012
17	فن ۽ فنڪار جلد ٻيو	ڪوثر پرڙو	300	2012
18	سپيتا جا سونهان	محمد حسين ڪاشف	200	2012
19	مون ۾ تون موجود	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	200	2012
20	سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250	2012
21	رهاڻ هيرن کاڻ جلد نمبر 2	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	850	2012
22	شاھ جو رسالو (مڪمل فُورِ ڪلر)	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	1500	2012
23	وکريل ورق	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	350	2012
24	مقالاتِ عزيز	عزيز جعفراڻي	400	2012
25	فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام	ڊاڪٽر نواز علي شوق	500	2012
26	شيخ اياز(شخصيت ۽ فن)	غلام سڪينا حميده قاضي	400	2012
27	امر جليل جا ڪتابَ جلد پهريون (1.دل جي دنيا ، 2. جڏهن مان نه هوندس، 3. تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو)	امر جليل	600	2012
28	رهاڻ هيرن کاڻ جلد پهريون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	800	2012
29	فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت	امان الله شيخ	250	2012
30	فيض جا ايلس ڏانهن خط	شبنم موتي	250	2012
31	فيض سان رهاڻيون	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	500	2012
32	راڳ نامون	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	270	2012
33	ميزان (فيض احمد فيض)	ڊاڪٽر نواز علي شوق	240	2012
34	جهڙي سونهن سندياس	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	250/-	2012
35	اديون آءِ اچاڻ	ڊاڪٽر فهميده حسين	250/-	2012
36	شاھ سچل ۽ خليفو قاسم	محمد حسين ڪاشف	200/-	2012

37	شاھ عبداللطيف مدبر معلم ۽ مھربان	ڈاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	150/-	2012
38	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت فن ۽ فڪر)	پروفيسر محمد سليم ميمڻ	250/-	2011
39	ڪلام ريجھ علي شاھ	پروفيسر منظور حسين کھڑو	250/-	2011
40	سنڌ هيرن کاڻ	رسول بخش درس	150/-	2011
41	قلندر صوفي ۽ ملامتي	ڈاڪٽر نواز علي شوق	150/-	2011
42	تذکره لال شهباز قلندر	انور ساگر ڪانڌڙو	150/-	2011
43	سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر	ڈاڪٽر مخمور بخاري	300/-	2011
44	سنڌي ڪلچر	غلام رباني آڳرو	200/-	2011
45	سنڌي موسيقي جا سر تار	خليل الرحمان شيخ	200/-	2011
46	شاھ جي رسالي جي سجاڻي (جلد ٻيو)	محمد حسين ڪاشف	500/-	2011
47	سُر پورب	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	200/-	2011
48	ڪلامِ گروھڑي	ڈاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	500/-	2010
49	شيخ اياز نثر جلد پنجون	شيخ اياز	350/-	2010
50	سُر پرياتي	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	350/-	2010
51	شاھ جي رسالي جي سجاڻي (جلد پھريون)	محمد حسين ڪاشف	500/-	2010
52	شاھ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر	ڈاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي	600/-	2010
53	سومرا راج گھراڻو	ڈاڪٽر مھر عبدالحق سومرو	400/-	2010
54	قلندر لعل شهباز	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	200/-	2010
55	مان جي مئس پنڌ ۾	رکيل مورائي	500/-	2010
56	لاکو پير لطيف الله	پير محمد عالم قريشي صديقي	150/-	2010
57	شاھ لطيف الله قادريءَ جو ڪلام	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	100/-	2010
58	استاد بُخاري – فن ۽ شخصيت	آزاد انور ڪانڌڙو	650/-	2010
59	محمد عثمان ڈيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر	ڈاڪٽر ثريا ساز ڈيپلائي	300/-	2010

نمبر	کتاب جو نالو	مصنف/مرتب/مترجم	قیمت	سال
60	ڳٽوانن جون ڳالهيون	قمرشهباز	300/-	2010
61	جج پرائي	قمرشهباز	450/-	2010
62	ننگرنتو : هڪ مطالعو	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	250/-	2010
63	صوفي شاهه عنايت شهيد	ڈاڪٽر محمد علي مانجهي	600/-	2010
64	شيخ اياز جلد پنجون (چار ڪتاب) (1.اپر جند پس پرين ، 2. هينئڑو ڏاڙهونءَ ڳل جيئن، 3. الوداعي گيت، 4. نند ولیون)	شيخ اياز	750/-	2010
65	شيخ اياز جلد ڇهون (ٽي ڪتاب) (1.ڪتين ڪر موڙيا جڏهن جلد پهريون، ٻيو ٽيون)	شيخ اياز	1000/-	2010
66	شيخ اياز جلد ستون (ٽي ڪتاب) (1.سر لوهيڑا ڳچيا ، 2. سُورج مُکي سانجهه، 3. چوليون هوليون سمند جون.)	شيخ اياز	1000/-	2010
67	شيخ اياز جلد اٺون (چار ڪتاب) (1.جر ڏيئا جهمڪن ، 2. هڙ اکي ڪيڏانهن، 3. چند ڳليون، 4. تون چپر تون چانوَ)	شيخ اياز	700/-	2010
68	شيخ اياز جلد نائون (پنج ڪتاب) (1.گهاٽ مٽان گهنگهور گهٽا ۾ 2. سامنجهي سمند سپون، 3. ڪونجون ڪُرڪن روهَ تي، 4. ڪاري رات ڪُهنگ، 5. وڏا وڻ وڻڪار جا.)	شيخ اياز	600/-	2010
69	شيخ اياز جلد ڏهون (پنج ڪتاب) (1.اٽي اور الله سان ، 2. مينهن ڪٽيون، 3. اڪ جون ڦلڙيون، پيج پني ، 4. پکي ساڳي پار ج، 5. هي جي نهرون نند جون)	شيخ اياز	600/-	2010

70	شيخ اياز جلد پهريون (نثر) (1.جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي، 2. ساهيوال جيل جي ڊائري، 3. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، 4. جڳ مڙيوئي سپنو)	شيخ اياز	_/730	2010
71	شيخ اياز جلد ٻيو (نثر) (1.ڏيئا ڏيئا لات اسان، 2. خط انٽرويو ۽ تقريرون جلد پهريون ٻيو 3. اڳتي قدم جا ايڊيٽوريم)	شيخ اياز	_/700	2010
72	شيخ اياز جلد ٽيون (نثر) 1.ڪٿي نه پڄبو ٽڪ مسافر جلد پهريون، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون	شيخ اياز	/1000	2010
73	شيخ اياز جلد چوٿون (نثر) 1.شيخ اياز ۽ صحافت	شيخ اياز	_/500	2010
74	شاهه جو رسالو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	_/500	2009
75	سر آسا	ڊاڪٽر محمد علي مانجهي	_/250	2009
76	بيت نه پر آيتون	ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو	_/250	2009
77	شيخ اياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب) (1.لڙيو سج لکن ۾، 2. پن چڙ پڃاڻان، 3. چند چنبيليءَ ول، 4. رڻ تي رمجهر، 5. پگهت سنگهه قاسي)	شيخ اياز	_/500	2009
87	شيخ اياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب) (1.راج گهاٽ تي چند، 2. بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي، 3. اَکن نيرا ڪُليا، 4. جهڙ نيڻان نه لهي 5. سُر نارائڻ شيام)	شيخ اياز	_/500	2009
79	سراج السالڪين	رسول بخش تميمي	_/150	2009
80	سنڌ جو سرمست	رکيل مورائي	_/300	2009
81	ڪوهستان جو سفر	بدر ابڙو	_/400	2009
82	سنڌ صدين کان	ممتاز مرزا	_/400	2009

83	خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو	ڊاڪٽر غطا محمد حامي	600/-	2009
84	شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام	ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	100/-	2008
85	رسالو ميان سچل فقير جو	مرزا علي قلي بيگ	800/-	2008
86	شيخ اياز جلد ٻيو (چار ڪتاب) (1. ڪپر ٽو ڪُن ڪري، 2.پتڻ ٽو پور ڪري، 3.ٽڪرا ٽتل صليب جا، 4. واٽون قُلن چانئيون)	شيخ اياز	500/-	2008
87	شيخ اياز جلد ڇهريون (چار ڪتاب) (1.پؤنر پري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو، 3.ڪي جو ٻيجل ٻوليو، 4.وجون وسڻ آئيون)	شيخ اياز	500/-	2008
88	نندي ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ	غلام حيدر صديقي	200/-	2008
89	سنڌوءَ جا گيت	ڊاڪٽر ڪمال جامڑو	300/-	2008
90	شاھ جو رسالو	ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ	400/-	2008
91	سُر ڪيڏارو	منظور احمد قناصرو	250/-	2008

نمبر	کتابوں کی نام	مصنف/مرتب/مترجم	قیمت	سال
1	سندھ میں اردو شاعری	ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ	350	2012
2	خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ	محمد راشد شیخ	250/-	2012
3	محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز	سید مظہر جمیل	750/-	2012
4	دشت وجود کی مسافت	آغا سلیم	250/-	2012
5	آئینہ خانہء شاہ لطیف	ڈاکٹر طاہر تونسوی	200/-	2010
6	حلقہ مری زنجیر کا	شیخ ایاز	800/-	2010
7	بوئے گل نالہء دل	شیخ ایاز	500/-	2010
8	دنیا ساری خواب	شیخ ایاز	650/-	2010
9	اے آہو چشم کدھر	شیخ ایاز	400/-	2010
10	سچل سچ ہے سارا	آغا سلیم	300/-	2010
11	سندھ ایک عام جائزہ	مظہر یوسف	400/-	2010
12	بھٹو کا تصور پاکستان	نصرت لاشاری	350/-	2009
13	شاہ جو رسالو	شیخ ایاز	650/-	2009
14	سچل سرمست، تاریخ، تصوف اور شاعری	ڈاکٹر نواز علی شوق	150/-	2009
15	سکھر تاریخ و تمدن	ڈاکٹر عبدالواحد اندھڑ	400/-	2008

Sr. No	Name of Books	Writer	Rate	Year
1	the Musical Instruments of Sindh Valley of Lower Indus	Dr. Nabi Bux Khan Baloch	200/-	2012
2	Alexander's Conquest of Indus Valley	Agha Saleem	400/-	2012
3	Lake Manchar	Taj Muhammad Sahrai	200/-	2012
4	Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles	Muhammad Ibrahim Joyo	350/-	2012
5	Hazrat Shanshah Lal Shabza Qalandar	Syed Dinal Shah Darbelvy	400/-	2012
6	Mohen Jo Daro the Indus civilization	Jahn Marshall	3000/-	2012
7	Selection from the Risalo	G. A Allana	150/-	2012
8	Sufism & Classical Sindhi Poetry	Saleem Noorhassan	150/-	2012
9	Anecdotes of Vataayo Faqeer	Saleem Noorhassan	200/-	2012
10	6Thousands years of History of Irrigation of Sindh	M.H.Panhwar	800/-	2011
11	The Epic of Dodo Chaneiser	Saleem Noorhassan	300/-	2011
12	Handicrafts of Sindh	Waheeda Khizir Qazi	180/-	2010
13	Sindhi Society & Culture	Prof.Dr.Ghulam Ali Alana	1600/-	2010
14	Life & Thought of Shah Latif Bhitai	Gul Mohammad Umrani	200/-	2010
15	Songs Of Freedom	Shaikh Ayaz	500/-	2010
16	Melodies of SALB, V-IV	Agha Saleem	400/-	2009
17	Shah Jo Risalo in Arabic & English	Faiz Mohammd Khoso	300/-	2009
18	Shah,Sachal,Sami	Mohd.Ibrahim Joyo	200/-	2009
19	Darazi School of Sufi Thought	Dr.Sakhi Qabool Mohammad Farooqi	400/-	2009
20	Melodies of SALB, V-III	Agha Saleem	500/-	2008
21	History of Sindhi Literature	Shaikh Aziz	250/-	2008

CULTURE DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.